REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) جمعو 13 آڪٽوبر 2023ع بمطابق 26 ربيع الاول 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 137

وڏي وزير جسٽس باقر ۽ ورلڊ بينڪ جي وفد پاران مارچ ۾ ارين پراپرٽي سروي شروع ڪرڻ جو فيصلو

سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ۽ ورلڊ بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ناجي بن هيسين جي اڳواڻي هيٺ 12 رڪني اعليٰ سطحي وفد وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات ڪئي

وڏي وزير جي معاونت صوبائي وزير ايشور لال، عمر سومرو، رعنا حسين، چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري حسن نقوي، چيئرمين پي اينڊ ڊي شڪيل منگنهيجو، سيڪريٽري بلديات منظور شيخ ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن ڪئي

سنڌ ۾ عالمي بينڪ تحت 3218.3 ملين ڊالرن جا 13 وڏا منصوبا جاري آهن جن مان هيستائين 29 سيڪڙو يعني 947.8 ملين رپيا جاري ڪيا ويا آهن : شڪيل منگنهيجو

اجلاس ۾ سنڌ ۾ سوشل سيڪيورٽي ڊيليوري سسٽم کي مضبوط ڪرڻ جي منصوبي تي غور ڪيو ويو ۽ ان منصوبي کي جلد کان جلد شروع ڪرڻ لاءِ سيڪريٽري سوشل ڊولپمينٽ کاتي کي موڪلڻ جو فيصلو ڪيو ويو

سنڌ ايريگيٽڊ ايگريڪلچر پراڊڪٽيوٽي امپروومينٽ پروجيڪٽ تحت 1593 مان 845 واٽر ڪورس بحال ڪيا ويا آهن، 56 واٽر اسٽوريج ٽينڪن مان 40 بحال ڪيا ويا آهن ۽ 16 ٽي ڪر جاري آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر ۽ ورلڊ بينڪ جي ڪنٽري ڊائريڪٽر ناجي بن هيسين جي اڳواڻي هيٺ 12 رڪني اعليٰ سطحي وفد وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات ڪئي، ورلڊ بينڪ جي مجموعي پورٽ فوليو تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ وڏي وزير جي معاونت صوبائي وزيرن ايشور لال، عمر سومرو، رعنا حسين، چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري حسن نقوي، چيئرمين پي اينڊ ڊي شڪيل منگنهيجو ورلڈ بينڪ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اسلام آباد: صدر ڊاڪٽر عارف علوي ڪانووڪيشن تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪندڙ شخص کي سوئيڊن جي عدالت ڏوهي قرار ڏئي ڇڏيو

اسٽاڪ هوم (ر ڊ) سوئيڊن ۾ 2020 ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪندڙ شخص کي ڏوهي قرار ڏنو ويو.سوئيڊن جي عدالت شهري کي 020 ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ذريعي نسلي نفرت پکيڙڻ جي الزام ۾ ڏوهي قرار ڏنو اهو پهريون موقعو آهي جو سوئيڊن جي عدالتي نظام قرآن پاڪ جي بي حرمتي جي الزام ۾ ڪيس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

رياست ڪرپشن ۽ اسمگلنگ ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي: چيف جسٽس

70 تولا سون ڪميٽي ڪيس جي ٻڌڻي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ڪئي

عدالت پوليس جي غير معياري جاچ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي گرفتار جوابدار جي ضمانت منظور ڪري ورتي

عدالت جوابدار کي ضمانت جي لاءِ 2 لک روپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو

اسلام آباد: چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ ڪيس جي ٻڌڻي ڪري رهيو آهي

اسلام آباد: (بيورو رپورٽ) چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ ڇيو آهي ته رياست ڪرپشن ۽ اسمگلنگ ڪرڻ ۾ مدد ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

نگران وزير عمر سومرو هيومن رائيٽس کاتي جي آفيس جو اوچتو دورو

ڪراچي (رپورٽر) قانون ۽ انساني حقن واري نگران وزير عمر سومرو هيومن رائيٽس کاتي جي آفيس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ملڪ ۾ لوهه جي اگهن ۾ 50 هزار رپيا في ٽن تائين گهٽتائي

في ٽن لوهه جو اگهه 2 لک 90 هزار مان گهٽجي 2 لک 40 رپيا ٽي ويو

جيڪڏهن پيداواري لاڳت گهٽجندي ته عام واهپيدارن لاءِ به اگهن ۾ گهٽتائي ايندي

ڪراچي (ر ڊ) لوهه جي اسڪريب جي اسمگلنگ خلاف ڪريڪ ڊائون ۽ ڊالرجي اگهه ۾ گهٽتائي بعد اڏاوتي لوهه جي اگهه ۾ به رکاوٽ لاٽ آئي آهي. ريٽي جي اگهه ۾ وڌ جي اثر هيٺ مارڪيٽ ۾ لوهه جي اگهن ۾ 50 هزار رپيا في ٽن تائين گهٽتائي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

دنيا جي 500 بااثر مسلمانن جي فهرست ۾ ڪيترائي پاڪستاني به شامل

رائل اسلامڪ اسٽريٽيجڪ اسٽڊيز سينٽر دنيا جي 500 بااثر ترين مسلمانن جي فهرست جاري ڪئي

13 ڪيٽيگرين ۾ سڀ ڪارڪردگي ڏيکارينڊڙ 500 مسلمانن جا نالا شامل

ڪراچي (ر ڊ) دنيا جي 500 بااثر مسلمانن جي فهرست جاري ڪئي رئي آهي. جنهن ۾ ڪيترائي پاڪستاني به شامل آهن. رائل اسلامڪ اسٽريٽيجڪ اسٽڊيز سينٽر دنيا جي 500 بااثر ترين مسلمانن جي فهرست جاري ڪئي آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

مريم نواز جي پٽ جنيد ۽ سندس گهرواري عائشا ۾ عليحدگي ٿي وئي

جنيد صفدر ۽ عائشا سيف 2021 ۾ شادي ڪئي هئي

جنيد صفدر انسٽاگرام تي هڪ اسٽوري پوسٽ ڪئي

لنڊن (ر ڊ) ن ليگ جي سينيئر نائب صدر مريم نواز جي پٽ جنيد صفدر ۽ سندس گهرواري عائشا وچ ۾ عليحدگي ٿي وئي. جنيد صفدر ۽ عائشا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسٽيٽ بئنڪ جي ذخيرن ۾ 3 ڪروڙ 10 لک ڊالرن جي واڌ

ذخيرا 7 ارب 61 ڪروڙ ڊالرن مان وڌي 7 ارب 64 ڪروڙ 60 لک ڊالر ٿي ويا

اسٽيٽ بئنڪ ۾ هن وقت مجموعي ملڪي ذخيرا 13 ارب 3 ڪروڙ ڊالر آهن

ڪراچي (رپورٽر) هڪ هفتي ۾ اسٽيٽ بئنڪ جي ذخيرن ۾ 3 ڪروڙ 10 لک ڊالرن جي واڌ ٿي وئي. اسٽيٽ بئنڪ جي هفتيوار رپورٽ مرجب هڪ هفتي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

اسرائيلي وزيراعظم جي مطالبي تي روسي صدر جو سخت ردعمل

فلسطينين جي زمين آهي جتي انهن کي رهڻو آهي، غزا فلسطين جي تاريخي سرزمين جو حصو آهي: پرڏيهي ميڊيا

غزا سميت آزاد فلسطيني رياست قائم ڪرڻي پوندي

ڪراچي (ر ڊ) اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو فلسطينين کان غزا خالي ڪرڻ جو مطالبو ڪري چڪو آهي، جنهن تي روسي پيرتن سخت ردعمل ڏنو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نواز شريف پنجن ڏينهن جي دوري تي سعودي عرب پهچي ويو

عمري ادائيگي کان پوءِ اعليٰ سعودي اختيارين، سرمائيڪارن سان ملاقاتن جو امڪان

نوازشريف 17 يا 18 آڪٽوبر تي سعودي عرب کان متحده عرب امارات پهچندو

جده (ر ڊ) پاڪستان مسلم ليگ(ن) جو اڳواڻ نوازشريف 5 ڏينهن جي نجي دوري تي لنڊن کان سعودي عرب پهچي ويو آهي. پارٽي ذريعن موجب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پوليس اهلڪارن، سميت سندن گهروارن جي علاج لاءِ رقم منظور

سنڌ پوليس ويلفيئر فنڊ بورڊ جو 22هون اجلاس آءِ جي سنڌ جي صدارت هيٺ ٿيو

اجلاس ۾ پوائنٽ ٽو پوائنٽ ايجنڈا تي غور ويچار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ پوليس ويلفيئر فنڊ بورڊ جو 22هون اجلاس آءِ جي سنڌ جي صدارت هيٺ ٿيو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو. اجلاس ۾ پوائنٽ ٽو پوائنٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير گوهر اعجاز سان پرڏيهي سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

پهرين آڪٽوبر کان گئس جي اگهن ۾ 200 سيڪڙو اضافي جو فيصلو

فڪسڊ ماهوار چارجز 10 رپين مان وڌائي 400 رپيا ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي

گهريلو صارفين لاءِ گئس 172 سيڪڙو تائين مهانگي ڪرڻ جي تجويز آهي : ذريعا

اسلام آباد (ر ڊ) نگران حڪومت پهرين آڪٽوبر کان گئس مهانگي ڪرڻ جي تياري مڪمل ڪري ورتي. ذريعن موجب پروٽيڪٽڊ گئس صارفين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

عدالت طرفان سحر شاهه کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو حڪم

عدالت سحر شاهه کي پوليس پروٽيڪشن فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويڇڙيو

آرٽسٽ سحر شاهه ڏمڪيون ملڻ خلاف عدالت ۾ درخواست داخل ڪرائي هئي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي عدالت پاران سحر شاهه کي پوليس پروٽيڪشن فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي ۽ سحر شاهه جي درخواست جو حڪم ڏنو ويو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

جنوري ۾ ٽيندڙ چوندن مان تمام مطمئن آهيان: نگران وزيراعظم

اليڪشن ڪميشن وڏي حد تائين پنهنجي مشق مڪمل ڪري ورتي آهي ، بلوچستان ۾ اسان ٻن چئلينجن کي منهن ڏئي رهيا آهيون. جتي هڪ چئلينج سيڪيورٽي جو آهي

جيڪڏهن گورننس جي ڳالهه ڪريون ته صوبا چون ٿا وسيلا محدود آهن، وسيلا گهٽ هجن هڪ پهلو آهي، وسيلن جو غلط انتظام هڪ وڏو مسئلو آهي

چوري ٿي رهي آهي ۽ مالي بدانتظامي به ٿي رهي آهي، انهن ٻنهي پاسن تي ڏيان ڏنو ويندو ۽ گورننس جو مسئلو حل ڪيو ويندو

مان تمام گهٽو مطمئن آهيان، اليڪشن ڪميشن پنهنجي مشق وڏي حد تائين مڪمل ڪري ورتي آهي، تڪبندين ۽ لاڳاپيل معاملا اليڪشن ڪميشن جي مشق ۾ آهن

جڏهن ته چوندون ڪرائڻ لاءِ جيڪي پئسا گهرجن ان لاءِ اليڪشن ڪميشن ۽ ناٿي واري وزارت سان ڳالهيون جاري آهن

عمران خان جي قيد يا آزادي جي حوالي سان مان مغل بادشاهه جيان ڪو فرمان جاري نٿو ڪري سگهان: انٽرويو ۾ خيالن جو اظهار

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) نگران نائب صدر انوارالحق ڪاڪڙ چيو آهي ته هو جنوري ۾ ٽيندڙ چوندن مان تمام گهٽو مطمئن آهي. اليڪشن ڪميشن وڏي حد تائين پنهنجي مشق مڪمل ڪري ورتي آهي. اسلام آباد ۾ صحافين سان ڳالهائيندي نگران وزيراعظم هڪ چئلينج سيڪيورٽي جو آهي ۽ ٻيو گورننس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

نواز شريف جي دور ۾ پاڪستان ترقي ڪئي: شهباز شريف

انسان جي ترقي ڏسي پوري دنيا دنگ رهجي وئي، هاڻ هو ٻيهر اچي رهيو آهي قوم نواز شريف جي تاريخي آڇيان ڪندي

نواز شريف وطن کي دنيا جي ٻهرين اسلامي ايٽمي طاقت بڻايو، ملڪ کي اڻداهين مان ڪڍيو، دهشتگردي جو خاتمو ڪيو

نواز شريف جي قيادت ۾ سموري ملڪ ۾ اورنج ۽ گرين لائين بسون ۽ ٽرينون هلايون، اورنج لائين جهڙو منصوبو پوري ملڪ ۾ ناهي


لاهور: اڳوڻو وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

لاهور (ر ڊ) اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته نواز شريف جي حڪومتي دور ۾ پارٽ به پاڪستان جي ترقي کي قبول ڪيو ۽ انسان جي ترقي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

نگران صوبائي وزير يونس ڏاڳا سان ڪائونسل آف اڪنامڪ اينڊ انرجي جرنلسٽس جي وفد سان ملاقات ۽ ڳالهه ٻولهه

ڪراچي (رپورٽر) صوبائي وزير ريونيو، صنعت، واپار محمد يونس ڏاڳا سان ايڇ ان جي آفيس سنڌ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

سنڌ فوڊ اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جنرل پاران ٽنڈو جام يونيورسٽي جي شاگردن سان گڏ برنس روڊ فوڊ اسٽريٽ جو دورو

سنڌ فوڊ اٿارٽي سنڌ جي يونيورسٽين جي شاگردن کي فوڊ انڊسٽري سان لاڳاپيل عملي تربيت فراهم ڪري رهي آهي: آغا فخر حسين

سنڌ فوڊ اٿارٽي تربيت حاصل ڪندڙ شاگردن کي وظيفو پڻ ڏيندي آهي

پهرين مرحلي ۾ ڪراچي يونيورسٽي جي فوڊ سائنسز اينڊ ٽيڪنالاجي ڊپارٽمينٽ جي شاگردن کي تربيت ڏني وئي هئي

ڪراچي (رپورٽر) ڊائريڪٽر جنرل سنڌ فوڊ اٿارٽي آغا فخر حسين ٽنڈو جام يونيورسٽي جي فوڊ سائنسز اينڊ ٽيڪنالاجي ڊپارٽمينٽ جي شاگردن سان گڏ برنس روڊ فوڊ اسٽريٽ جو دورو ڪيو. يونيورسٽي جي شاگردن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

سنڌ جي نگران آبپاشي واري وزير جي هدايت تي سيڪريٽري آبپاشي جو چيئرمين اين ايڇ اي خرم آغا کي خط

سيوهڻ ۾ اڙل ۽ دانستر چينلز تي پل جي تعميراتي ڪر جي شروعات ۾ غير معمولي دير تي مداخلت جي درخواست

روڊ پلن جي تعمير جي شروعات ۾ ڏڪهي دير ٿيڻ تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي آبپاشي واري وزير ايشور لال جي هدايتن تي سنڌ جي آبپاشي سيڪريٽري ڊاڪٽر نياز علي عباسي نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي چيئرمين خرم آغا کي خط لکي ادل ۽ دانستار چينلز تي پل جي تعميراتي ڪر ۾/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

مذهبي معاملن واري ڪاتي پاران نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي سيرت تي ڪانفرنس منعقد

علماءَ ڪرام، مذهبي معاملن واري سيڪريٽري منور مهيسر ۽ ٻين سيرت النبي صلي الله عليه وسلم تي روشني وڌي

مان سمجهان ٿو ته هن اجتماع جو هر لمحو قيمتي ۽ ثواب جو سبب آهي : عمر سومرو

اسان سڀني کي فلسطيني مسلمانن لاءِ دعا ڪرڻ گهرجي، اسان بين المذاهب هم آهنگي جي لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون

ڪراچي: مذهبي معاملن واري سيڪريٽري منور مهيسر سيرت ڪانفرنس دوران ڳالهائيندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اوقاف، عشر، زڪوات ۽ مذهبي معاملن واري ڪاتي پاران نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جي سيرت تي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. جنهن ۾ علماءَ ڪرام، مذهبي معاملن واري سيڪريٽري منور مهيسر ۽ ٻين سيرت النبي صلي الله عليه وسلم تي روشني وڌي. نگران قانون ۽ مذهبي معاملن واري وزير عمر سومرو سيرت النبي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته مان سمجهان ٿو ته هن اجتماع جو هر لمحو قيمتي ۽ ثواب جو سبب آهي. اڄ اسان حضور جي بارگاهه ۾ حاضر آهيون. مذهبي معاملن واري نگران وزير جو وڌيڪ ڀرپور هئ ته اسان سڀني کي فلسطيني مسلمانن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

پروسيجر ايڪٽ فيصلي ۾ عدالت پارليامينٽ جي قانونسازي طاقت کي ميڇي ورتو آهي: اعظم نذير

قانون چوي ٿو ته جتي آئين ڪجهه نه هجي ته قانونسازي سان اڳيان وڌائي سگهجي ٿو

پارليامينٽ چوندِ ايڪٽ قانونسازي کان پوءِ نواز شريف ۽ ٻيا ماٿهو جنهن کي تاحيات نااهل ڪيو ويو اهي هاڻ اهل آهن

عدالت پارليامينٽ جي قانونسازي کي ميڇي ورتو آهي، عدالتي فيصلي پارليامينٽ کي مضبوط ڪيو آهي

اسلام آباد (ر ڊ) اڳوڻي قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ فيصلي ۾ عدالت پارليامينٽ جي قانونسازي جي طاقت کي ميڇي ورتي آهي. عدالتي فيصلي ۾ چينل سان گڏ هيون ڪندي اعظم نذير تارڙ چيرتہ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

توشه خاني ۽ 190 ملين پائونڊ ڪيس: بشريٰ بي بي جي گرفتاري واري نقطي تي فيصلو محفوظ

اسلام آباد جي احتساب عدالت جي جج محمد بشير بشريٰ بي بي خلاف توشه خاني ۽ 190 ملين پائونڊ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

نيب پراسيڪيوٽر مظفر عباسي، وڪيل صفائي ۽ پي ٽي آءِ جا وڪيل به عدالت ۾ پيش ٿيا

اسلام آباد (ر ڊ) احتساب عدالت توشه خانه ۽ 190 ملين پائونڊ اسڪينڈل ڪيس ۾ بي بي ٽي آءِ چيئرمين جي گهر واري بشريٰ بي بي جي گرفتاري جي نقطي تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو آهي. اسلام آباد جي احتساب عدالت جي جج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سنڌ جي گورنر سان ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب جي ملاقات، اهم معاملن تي ڳالهيون

ملاقات ۾ شهري انفراسٽرڪچر جي بحالي، وفاقي حڪومت جي ترقياتي منصوبن ۽ سمورن اسٽيڪ هولڊرز سان مشاورت تي ڳالهيون پڻ ڪيون ويون

سنڌ جي گورنر ڪراچي جي ميئر سان گڏ اميد جي گهنٽي تي سائلين جا مسئلا معلوم ڪيا

ڪراچي شهر جي انفراسٽرڪچر جي بحالي لاءِ گڏيل قدمن جي ضرورت آهي: ڪامران ٽيسوري

ڪراچي (ر ڊ) سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري سان ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب ملاقات ڪئي آهي جنهن ۾ اهم معاملن تي ڳالهيون ڪيون/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري سان ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب ملاقات ڪندي

ايراني صدر جو سعودي ولي عهد سان فون تي رابطو، فلسطين جي صورتحال تي ڳالهيون

رياض (ر ڊ) ايران جي صدر ابراهيم رئيسي سعودي عرب جي ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

نگران حڪومت سنڌ ۾ جعلي پرتين خلاف ڪريڪ ڊائون جو فيصلو ڪري ڇڏيو

اسڪولز ڊائريڪٽر استادن جي ڏينٽا 15 ڏينهن ۾ جمع ڪري رپورٽ پيش ڪن : نگران صوبائي حڪومت

پهرين مرحلي ۾ استادن جي اپائنٽمنٽ ۽ تعليم بابت جاچ ڪئي ويندي ۽ گوسٽ واستادن کي نوڪرين مان ڪڍيو ويندو : رعنا حسين

ڪراچي (رپورٽر) نگران حڪومت سنڌ ۾ جعلي پرتين خلاف ڪريڪ ڊائون جو فيصلو ڪري چڪي آهي. جڏهن. نگران حڪومت طرفان اسڪولز ۾ غيرحاضر استادن جا تفصيل طلب ڪيا ويا آهن. استادن جي پرتين جي ڏينٽا جمع ڪرڻ جي هدايت ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسرائيلي جارحيت جي مذمت، گڏيل قومون سيز فائر جي پرپور ڪوشش ڪن: پرڏيهي ڪاتي جي ترجمان

غزا ۾ شهري آبادي کي نشانو بڻايو ويو، انهن حملن ۾ عورتون ۽ ٻار به شهيد ٿيا، وڇ اوپر ۾ امن وقت جي اهم ضرورت آهي

غذائي شين جي ترسيل روڪڻ انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي، والاريل ڪشمير ۾ انساني حقن جون ڀڃڪڙيون ٿي رهيون آهن

حريت جماعتن تي پارٽي حڪومت پابنديون لڳائي رهي آهي، ڪشميرين کي مرضي موجب حق خودارادیت ملڻ گهرجي

اسلام آباد: پرڏيهي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ هفتيوار ميڊيا بريفنگ ڏئي رهي آهي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان غزا ۾ اسرائيلي جارحيت جي مذمت ڪندي چيو آهي ته گڏيل قومون سيز فائر جي پرپور ڪوشش ڪن. پرڏيهي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ پنهنجي هفتيوار ميڊيا بريفنگ ۾ چيو ته پاڪستان غزا ۾ اسرائيلي جارحيت جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪري ٿو ۽ گڏيل قومن کان گهر ڪري ٿو ته فوري طور سيز فائر لاءِ پرپور ڪوششون ورتيون وڃن زهرا بلوچ چيو آهي ته غزا ۾ شهري آبادي کي نشانو بڻايو ويو، انهن حملن ۾ عورتون ۽ ٻار به شهيد ٿيا. وڇ اوپر ۾ امن وقت جي اهم ضرورت آهي. غذائي شين جي ترسيل روڪڻ انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي. والاريل ڪشمير ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

غزه متان اسرائيلي فوج جا فاسفورس بم سان حملا، شهيد فلسطينين جو انگ 1100 کان وڌي ويو

حملن ۾ شهيد فلسطينين جو انگ 1100 کان وڌي ويو جن ۾ 143 ٻار ۽ 105 عورتون به شامل

اسرائيل جي وحشيانڙي بمباري کان پوءِ خان يونس اسپتال ۾ لاش رکڻ جي جڳهه ختم ٿي وئي

اڪثر لاش مرده خاني ۾ اسٽريڪچر تي پيل آهن. اسرائيلي حملن دوران ريڊ ڪريسنٽ هيڊ ڪوارٽر کي به نشانو بنايو ويو

اسلام آباد: ريلوي واري سيڪريٽري سيد مظهر علي شاهه جي صدارت هيٺ ٽيل اجلاس جو ڏيک

بيت المقدس (ر ڊ) غزه ۾ اسرائيلي فوج فلسطينين تي پابندي مڙهيل فاسفورس بم جو استعمال ڪرڻ شروع ڪري چڪي آهي. جنهن سبب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

مون کي عثمان دار ۽ صداقت عباسي جيان کو اهڙو ڪم ڪرڻو هجي ها ته ڪري چڪو هجان ها: اسد عمر

اسلام آباد (ر ڊ) پي ٽي آءِ جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري اسد عمر چيو آهي ته جيڪڏهن مون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

افغانين کي جعلي سڃاڻپ ڪارڊ جاري ڪرڻ جي معاملي ۾ نادرا چيئرمين جو انڪشاف

نادرا طرفان افغانين کي جعلي سڃاڻپ ڪارڊ جاري ڪرڻ جي معاملي ۾ 84 اهلڪارن خلاف ڪارروائيون ڪيون ويون آهن : نادرا چيئرمين لينٽينٽ منير افسر

جعلي دستاويزن، بنا فنگر پرنٽ يا تصوير جي رڪارڊ کي اهلڪار ٽمپر ڪندا رهيا

نادرا جعلي سڃاڻپ ڪارڊ روڪڻ لاءِ شفاف ۽ پختو نظام قائم ڪيو آهي

اسلام آباد (ر ڊ) نادرا چيئرمين جعلي فيملي ٽري ۾ افغانين کي شامل ڪرڻ جو انڪشاف ڪيو آهي. نادرا چيئرمين لينٽينٽ منير افسر سينيٽ جي گهرو معاملن بابت ڪميٽي کي بريفنگ ۾ ٻڌايو ته نادرا طرفان افغانين کي جعلي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

نيپرا مهانگي بجلي وڪرو ڪرڻ تي کي اليڪٽرڪ متان 20 ڪروڙ روپيه ڏنڊ لڳائي ڇڏيو

نيپرا اٿارٽي طرفان کي اليڪٽرڪ جي نظرثاني اپيل تي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو

کي اليڪٽرڪ جي نااهلي جو بار ڪراچي جي عوام متان منتقل نٿا ڪري سگهون : نيپرا

اسلام آباد (ر ڊ) نيپرا عوام کي مهانگي بجلي وڪرو ڪرڻ ثابت ٿيڻ تي کي اليڪٽرڪ کي ڏهيرار قرار ڏيندي 20 ڪروڙ روپيه ڏنڊ لڳائي ڇڏيو آهي. نيپرا اٿارٽي طرفان کي اليڪٽرڪ کي جي نظرثاني اپيل تي فيصلو جاري ڪري ڇڏيو فيصلي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

نٽي ۾سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

مڪلي پريس ڪلب جي صدر اڪبر ڏلوائي، سينيئر صحافين شبير پٽي، اعجاز واريو، جاويد لطيف ميمڻ، ساجد شيخ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

رياست ۽ حڪومت هٿ وٽي سرداري نظام کي مضبوط ڪري رهيا آهن، شهيد جان محمد مهر سنڌ جو سگهارو صحافتي آواز هو : مظاهرين

اسان کي هاڻي اسلام آباد ريڇو پيو تہ ريندا سين پر ڪنهن صورت ۾ اسان خاموش نہ رينداسين، معاملي جو نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

نٽو(جاويد لطيف ميمڻ)سنڌ جي صوبائي حڪومتن پاران سنڌ جي سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جا قاتلن ۽ سندن سهولتڪارن کي گرفتار نہ ڪرڻ خلاف حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس پاران نٽي ۾ هڪ ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نٽو: صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ڪنڊرا ۾ چار مهينا اڳ قتل ٿيل شبيراڻي جاگيراڻي جي وارثن قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج

سکر بيورو رپورٽ) ڪنڊرا ۾ چار مهينا اڳ قتل ٿيل شبيراڻي جاگيراڻي جي وارثن قاتلن جي گرفتاري لاءِ ايس ايس پي سکر جي آفيس اڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڏيکاريو. ان موقعي تي مقتول عورت جي وارثن جوڇڙ هو تہ قتل ٿيل شبير جاگيراڻي جي قاتلن کي ڪنڊرا پوليس هن وقت تائين گرفتار نہ ڪري سگهي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

قمبر ڏپٽي ڪمشنر آفيس ۾ ڪلي ڪچهري جو پروگرام منعقد

ايڊيشنل سيڪريٽري فائنانس سنڌ سرڪاري ملازمن، پينشنرن ۽ عوام جا مسئلا ٻڌا

پينڊنگ ۾ رهيل ڪيسن کي ميرٽ جي بنيادن تي تڪڙا ڪلايا وڃن : ايڊيشنل سيڪريٽري فائنانس

وارهه(رپورٽ طالب حسين چانڊيو)وارهه نگران وزير اعلي سنڌ جي هدايتن موجب ڪمشنر آفيس ۾ اڄ ڪلي ڪچهري جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري فائنانس سنڌ غلام علي سومرو سرڪاري ملازمن، پينشنرن ۽ عوام جا مسئلا ٻڌا ضلعي قمبر شهداڪوٽ جي سرڪاري ملازمن ۽ رٽائرڊ ملازمن وڏي اڇ ۽ شرڪت ڪئي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سجاول ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾ اميرالبحر ۽ سول سوسائٽي پاران ريلي، نعريبازي

اميرالبحر ضلع سجاول جي صدر احمد ملاح جي اڳواڻي ۾ مامون لاڏو چوڪ کان هٿن ۾ بينر کڻي پبلڪ پارڪ تائين ريلي ڪڍي وئي

اسان واضع پيغام ڏيون ٿا تہ پاڪ فوج جيڪا ملڪ جي سرحدن تي پنهنجي جانين جو نظرانو ڏئي تورم جي حفاظت ڪري ٿي : اڳواڻ

اسرائيل هڪ دهشتگرد ملڪ آهي ، فلسطين مٿان اسرائيلي جارحيت ظلم ۽ تشدد جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا

سجاول(رپورٽ ممتازعلي نهڙيو)سجاول ۾ پاڪ فوج جي حمايت ۾اميرالبحر ۽ سول سوسائٽي پاران ريلي ڪڍي وئي. اميرالبحر ضلع سجاول جي صدر احمد ملاح جي اڳواڻي ۾ مامون لاڏو چوڪ کان هٿن ۾ بينر کڻي پبلڪ پارڪ تائين ريلي ڪڍي وئي. ريلي ۾ اميرالبحر جي اڳواڻن نصيرسرويچ، غلام حسين ميريجر، عباس ملاح، ناظو ملاح، محمد ملاح، محمد حسن ملاح، ملڪ صديق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سجاول: پاڪ فوج جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي پٽي وڃي

سانگي پرسان ڳوٺ والو ڪلهوڙو نرچ جي رهواسين پاران احتجاج

سکر(بيورو رپورٽ)سانگي پرسان ڳوٺ والو ڪلهوڙو نرچ جي رهواسين ڪلهوڙا برادري جي نذير احمد، منظور احمد علي بخش فياض، قادن، مسمات حسنہ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ جوابدارن جي گرفتاري نہ ٿيڻ خلاف سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڏرڻو هنيو. ان موقعي تي احتجاج ڪندي هٿن ۾ جڏهن نہ. قتل ٿيل شبير جاگيراڻي جي قاتلن کي ڪنڊرا پوليس ۽ رشتيدارن جي حوالي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

تنڊو غلام حيدر : قومي عوامي تحريڪ پاران پيادل مارچ، ڏرڻو

روڊ مڪمل بند ٿي وڃڻ ڪري روڊ جي ٻنهي پاسن ڪان وڏي تعداد ۾ گاڏيون بيهجي ويون

وڏا واپاري ۽ ڪارخانيدار هٿرادو سارين جو اڳهه ڳهڻائي هارين ۽ آبادگارن سان ظلم ڪري رهيا آهن : مظاهرين

هٽ وٽي انهن جا اڳهه ڪيرايا وڃن ٿا، آبادگارن ۽ هارين کي فائدو ڏيڻ بدران ٽيڪيدار مافيا کي نوازيو وڃي ٿو

تنڊو غلام حيدر(رپورٽ ميرحسن رند)قومي عوامي تحريڪ بلڙي شاهه ڪريم پاران سارين جو اڳ ڪٻ ملهه ۽ ڪتوني خلاف قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر انور نوحاڻي، رمضان رند، پنهل سولنگي، رضوان ملاح، اسماعيل سرمور ۽ آبادگار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

تنڊو غلام حيدر: قومي عوامي تحريڪ پاران پيادل مارچ ڪيو پيو وڃي

خانپور مهر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ٽائون چيئرمين پاران جشن عيد ميلاد النبي ص جي محفل منعقد

محفل ميلاد ۾ مختلف مشهور نعت خوانن حضور پاڪ جن جي شان ۾ نعتون پيش ڪري ويلن جي دلين کي منور ڪري ڇڏيو

مولانا مفتي حافظ ڪرمداد مهر قادري خصوصي خطاب ڪندي ٻڌايو جهان جي سردار حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جو شان بيان ڪيو

اسڪولي ٻارڙن پاران حضور اڪرم جي شان ۾ نعتون ۽ تقريرون پيش ڪيون ويون، لنگر تقسيم ڪيو ويو

خانپورمهر (رپورٽ:آفتاب سيال)خانپور مهر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ٽائون چيئرمين پاران جشن عيد ميلادالنبي ص جي محفل منعقد ڪئي وئي. خانپورمهر ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر خانگڙھ روا زهرا ٽالپر ۽ ٽائون ڪاميٽي جي چيئرمين عبدالرزاق خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

خانپورمهر: اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ٽائون چيئرمين عيد ميلادالنبي ص جي محفل ۾ شريڪ آهن

گهارو ۾ ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ پاران بوائز ۽ گرلز اسڪول جو دورو

گهارو(بشار جوڪيو) ڊاڪٽر رياض احمد صديقي ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ ٺٽو جو هائيئر سيڪنڊري اسڪول گهارو بوائز ۽ گرلز اسڪول جو دورو اسڪول جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ ڪوشش ڪئي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽرڪ ول بلاڪ ٽوائلٽ حبڪو ڪمپني ۾ روزگار سانگي ويل مزدور جو قاهو ڪاڏل لاش هٿ

ڪمپني پاران واقعو خودڪشي قرار، 8 ڪلاڪ لاش بلاڪ اندر پيل رهيو، وارثن کي اندر اچڻ نہ ڏنو ويو

انتظاميا لاش ايمبولنس ذريعي اسپتال موڪلي ڇڏيو، پي ۽ رڪشو ڪري اسپتال پهتو، پٽ ڪي مارڻ جو الزام

اسلام ڪوٽ(رپورٽ صادق ٻجير) ٽرڪول بلاڪ ٽوائلٽ حبڪو ڪمپني ۾ روزگار سانگي ويل مزدور جو قاهو ڪاڏل لاش هٽ ڪمپني پاران واقعو خودڪشي قرار، 8 ڪلاڪ لاش بلاڪ اندر پيل رهيو، وارثن کي اندر اچڻ نہ ڏنو ويو، پي ۽ گيٽ تي ٻيهي ٻيهي روئندو رهيو، انتظاميا لاش ايمبولنس ذريعي اسپتال موڪلي ڇڏيو، پي ۽ رڪشو ڪري اسپتال پهتو، احتجاج نہ ڪئي ويندي، پٽ کي مارڻ جو الزام لڳايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڪرانو ۾ مخدوم شاهه محمود قريشي جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

غوثيا جماعت جي مريدين ۽ عقيدت مندن غلام حسين چاچڙ، علي اڪبر مهر، ممتاز علي، منظور علي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اسان جي مرشد کي ڪوڙن ڪيسن ۾ بنا جواز ڪاسائي جيل ۾ رکيو ويو آهي، انتقامي ڪارروائي جو نشانو بڻايو ٿو وڃي : مظاهرين

اسان جي مرشد کي هٿڪڙيون هڻي ڪورٽ ۾ آندو پيو وڃي، معاملي جو نوٽيس وٺي شاهه محمود قريشي کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي

ڪرانو(نٽ سنڊيار) ڪرائي پرسان غوثيا جماعت پاران غوث بهاول حق ملتاني جي گادي نشين مخدوم شاهه محمود قريشي جي آزادي لاءِ احتجاجي ريلي مظاهرو ۽ ڊرڻو نعريبازي مخدوم شاهه محمود قريشي کي ناحق گرفتار ڪري انتقامي ڪارروائي جو نشانو بڻايو پيو وڃي جنهن عمل سان غوثيا جماعت جي دل آزاري ٿي آهي نوٽيس وٺي مخدوم شاهه محمود قريشي کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪرانو: مخدوم شاهه محمود قريشي جي آزادي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

دادو ويجهو مخدوم بلاول ۾ گهر اندر ڪٽ تان ڪرڻ سبب 2 سالن جو معصوم هارڙو فوت

دادو(نٽ سنڊيار) دادو ويجهو مخدوم بلاول ۾ گهر اندر ڪٽ تان ڪرڻ سبب 2 سالن جو معصوم هارڙو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي بيهوشي واري حالت ۾ سول اسپتال دادو آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران هارڙي جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي، فوتي ٽيل هار جي سڃاڻپ الطاف پٽ حاڪر قمبراڻي طور ٿي آهي ضروري ڪاروائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

هنون پرسان سارين جي چوري تان هٿياربندن هٿان مزاحمت تي نوجوان زخمي، احتجاج

چوري دوران هٿياربندن کهاڙيون هڻي ڪولهي برادري جي نوجوان ڳينو ڪولهي کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا

زخمي نوجوان کي فوري طور تي رورل هيلٿ ڊڙو آندو ويو، متاثرن جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو

واقعي جي اين سي داخل، واقعي ۾ سڃاتل ٻن جوابدارن جميل پنيارو ۽ خليل پنيارو کي گرفتار ڪيو وڃي : مظاهرين

ڊڙو(رپورٽ: شرڪت ميمڻ) هنون پرسان سارين جي چوري تان هٿياربندن هٿان مزاحمت تي کهاڙيون هڻي ڪولهي برادري جو نوجوان سخت زخمي. وارثن جو هنون راهوٽ روڊ تي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو. تفصيل موجب هنون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڊڙو: سارين جي چوري دوران مزاحمت تي ڇورن هٿان زخمي ٿيل نوجوان وارث احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز شهر ۾ بدامني جو راڄ، پوليس خاموش

ڪرر سعد ابراهيم لاشاري کان موبائل ڦر ڪري ويا، پاڳين ٻيڇو ڪري سرگهو ڪيو تہ ڦرن فائرنگ ڪئي

پوليس جي اگهور ننڊ تي سوالیا نشان ڇڏيا آهن، بدامني جو نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي : شهري

نوشهرو فيروز(ڊ ر)نوشهرو فيروز شهر ۾ بدامني جو راڄ. گذريل رات شهر جي ڊي ايڇ او آفيس جي سامهون مهراڻ ٽائون مان ڪرر سعد ابراهيم لاشاري کان موبائل ڦر ڪري مرتر سائيڪل تي فرار ٿيڻ لڳا تہ پاڳين ٻيڇو ڪري کين الله واري چوڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز ۾ "نظر جي عالمي ڏينهن" تي آگاهي ريلي

اسپتال اندر ايندڙ اکين جي مريضن کي تہ علاج ڏئي سگهجي ٿو : اڳواڻ

کجهه ماڻهو غير واسطيدار ماڻهن سان ملي اکين جون دوائون استعمال کن ٿا

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) "نظر جي عالمي ڏينهن" جي موقعي تي سول اسپتال نوشهروفيروز کان "LOVE YOUR EYES AT WORK" جي موضوع سان آگاهي ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي DHO/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز: نظر جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ريلي ڪڍي پٽي وڃي

اسسٽنٽ ڪمشنر تنگواڻي پاران رورل هيلٿ سينٽر جو دورو

اسسٽنٽ ڪمشنر آر ايڇ سي پهچي دوائن ۽ ڊاڪٽرن جي موجودگي جو جائزو ورتو

صحت بنيادي حق آهي، ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نہ ڪئي ويندي : اي سي

ڪمشنر تنگواڻي علي رضا بوزدار جو رورل هيلٿ سينٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

تنڊو محمد خان ۾ دادو جي رهواسي نوجوان ناري پاران تحفظ لاءِ احتجاجي مظاهرو

پسند جي شادي ڪانپوءِ منهنجي امڙ خالده مگڻهار ۽ پيا جانين جا دشمن ٻڌجي ويا آهن: ناري

منهنجي مڙس ارسلان لاکو مٽان حيدرآباد جي مارڪيٽ تائين تي ڪرڙو ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي

تنڊو محمد خان (ڊ ر مظفر علي بروهي) تنڊو محمد خان ۾ دادو جي رهواسي نوجوان ناري مسمات سويرا پنهنجي مڙس ارسلان لاکو سان گڏجي صحافين آڏو دانهينديءِ چيو آهي تہ اسان جي ڪيل پسند جي شادي ڪانپوءِ منهنجي امڙ خالده /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

پرياروڊ سيپڪو سب ڊويزن ۾ عوام جي مسئلن جي حل لاءِ ڪلي ڪچهري

شهرين جي شڪايتن تي بلن جي ڪريڪشن سميت ڊڊڪشن لڳل بل موقعي تي ئي ختم

عوام کي بهتر سهولتن سميت سندن مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڪچهري رکي آهي : سيپڪو عملدار

نوشهروفيروز(ڊ ر)پرياروڊ سيپڪو سب ڊويزن ۾ عوام جي مسئلن جي حل لاءِ ڪلي ڪچهري رکي وئي جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ علاقائي واسين ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

نوشهروفيروز: پرياروڊ سيپڪو سب ڊويزن ۾ عوام جي مسئلن جي حل لاءِ ڪلي ڪچهري تي رهي آهي

تنڊو محمد خان جي سائي پاڙي جي رهواسين پاران وڏي پاءِ خلاف احتجاج

اڪرام شيخ ۽ عثمان شيخ پريس ڪلب تنڊو محمد خان ۾ پريس ڪانفرنس ڪئي

اسان جو وڏو پاءِ اشرف شيخ 2003 ۾ اسان کان الڳ ٿي ويو هو: اڪرام شيخ/ عثمان شيخ

تنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) تنڊو محمد خان جي سائي پاڙي جي رهواسين اڪرام شيخ ۽ عثمان شيخ پريس ڪلب تنڊو محمد خان ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڇيو آهي تہ اسان جو وڏو پاءِ اشرف شيخ 2003 ۾ اسان کان الڳ ٿي ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

تنڊو باگو ۾ پيار جو پرٽو ڪنڊ جوڙي پاران تحفظ لاءِ احتجاج

مائٽ اسان کي ڪارو ڪاري مارينداسان کي تحفظ ڏنو وڃي : جوڙو

پيار پرٽي بعد مائٽ اسان جا دشمن ٻڌجي ويا آهن، واهر ڪئي وڃي

تنڊو باگو(رپورٽ رفاقت جرواڙ) تنڊو باگو ڳوٺ پرٽو ڪرڻ کان پوءِ، تنڊو باگو پريس ڪلب تي پهچي ويا. ڪين تحفظ ڏيڻ جي اپيل. مائٽ اسان سندس برادري جي ناري نصيبان بحير پيار جو ڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

تنڊو باگو: پسند جو پرٽو ڪنڊ جوڙو تحفظ جي اپيل ڪري رهيو آهي

مانجهند جي جعلي ڊوميسائيل تي پرتي ماسٽر شانگلا واسي کي 3 سال قيد

لاکڙا ڪرل فيلڊ ايريا ۾ جعلي ڊومسائيل تي ماسٽري ماڻيندڙ اسرار پناڻ کي سزا ٻڌائي

ساڃاهه رڌن جي احتجاج کان پوءِ تعليم ڪاتي انتظاميا ڊومسائيل رد ڪري ڪيس داخل ڪرايو هو

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند تعلقي جي جعلي ڊومسائيل تي پرتي ماسٽر شانگلا واسي کي 3 سال قيد جي سزا تفصيل موجب مانجهند تعلقي جي لاکڙا ڪرل فيلڊ ايريا ۾ جعلي ڊومسائيل تي پي ايس تي جي ٽيسٽ پاس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دادو ويجهو خدا آباد ٽائي جي حد ۾ واقع ڳوٺ ابراهيم چانڊيو جي رهواسين پاران احتجاج

عورتن ٻاڦرن جي ڏيادتين خلاف دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڏرڻو هنيو

ايڪڙ زمين تي قبضو ڪرڻ چاهين تا اهڙو ڪيس خدا آباد ٽائي تي داخل ڪرائڻ رياسين: مظاهرين

دادو(نٽ سنڊيار) دادو ويجهو خدا آباد ٽائي جي حد ۾ واقع ڳوٺ ابراهيم چانڊيو جي رهواسين مردن ۽ عورتن پاران ٻاڦرن جي ڏيادتين خلاف دادو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري ڏرڻو هنيو هڪ پيرسن عورت بيهوش ٿي وئي مظاهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

عادلپور پرسان گهر تي ٻاڦرن پاران مبينا حملو، متاثرن پاران احتجاج

ٻاڦرڏاڍ جي زور تي اسان جي جاءِ تي زبردستي قبضو ڪري لڏائڻ چاهين ٿا : متاثر

اسان سان تيل زيادتين جو نوٽيس وٺي ٻاڦرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

عادلپور(ن سنڊيار)عادلپور پرسان ڳوٺ صالح مهر جي رهواسي لعل بخش مهر جي گهر تي ٻاڦرن پاران مبينا حملو ٻاڦرن جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج ان موقعي تي لعل بخش مهر قلندر بخش مهر مائي صغرا امام خاتون ۽ فائزه احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

عادلپور: ٻاڦرن جي ظلمن خلاف متاثر ڪنبب احتجاج ڪري رهيو آهي

ٻنون پرسان سارين جي چوري تان هٿياربندن هٿان مزاحمت تي نوجوان زخمي، احتجاج

چوري دوران هٿياربندن کهاڙيون هڻي ڪولهي برادري جي نوجوان ڳينو ڪولهي کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا

زخمي نوجوان کي فوري طور تي رورل هيلٿ ڊڙو آندو ويو، متاثرن جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو

واقعي جي اين سي داخل، واقعي ۾ سڃاتل ٻن جوابدارن جميل پنيارو ۽ خليل پنيارو کي گرفتار ڪيو وڃي : مظاهرين

ڊڙو(رپورٽ: شرڪت ميمڻ) ٻنون پرسان سارين جي چوري تان هٿياربندن هٿان مزاحمت تي کهاڙيون هڻي ڪولهي برادري جو نوجوان سخت زخمي. وارثن جو ٻنون راهوٽ روڊ تي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو. تفصيل موجب ٻنون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڊڙو: سارين جي چوري دوران مزاحمت تي ڇورن هٿان زخمي ٿيل نوجوان وارث احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

دادو ويجهو مخدوم بلاول ۾ گهر اندر ڪٽ تان ڪرڻ سبب 2 سالن جو معصوم هارڙو فوت

دادو(نٽ سنڊيار) دادو ويجهو مخدوم بلاول ۾ گهر اندر ڪٽ تان ڪرڻ سبب 2 سالن جو معصوم هارڙو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي بيهوشي واري حالت ۾ سول اسپتال دادو آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران هارڙي جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وئي، فوتي ٽيل هار جي سڃاڻپ الطاف پٽ حاڪر قمبراڻي طور ٿي آهي ضروري ڪاروائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

ڪراچي : پ پ ش پ چيئرپرسن غنوا ٻيتو جي وڏي ٻيٽ وفات تي تعزيت جاري

پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ٻيتو سينٽرل ڪاميٽي جي ميمبر عبدالمجيد سيال ۽ ٻين تعزيت ڪئي

ڪامريڊ سليم راجپوت، ڪامريڊ ديدارحسين ٻڌهيو، ڊاڪٽر عبدالرئوف مغيري ۽ ٻين پٽ ڊڪ ونديو

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ٻيتو جي چيئرپرسن غنوا ٻيتو جي وڏي ٻيٽ ۽ جونيئر ذوالفقار علي ٻيتو جي ماسي جي وفات تي ڪلفٽن ڪراچي ۾ جونيئر ذوالفقار علي ٻيتو سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي. پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ٻيتو سينٽرل ڪاميٽي جي ميمبر عبدالمجيد سيال، ڪامريڊ سليم راجپوت، ڪامريڊ ديدارحسين ٻڌهيو، ڊاڪٽر عبدالرئوف مغيري، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

نوشهروفيروز ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ روزاني استعمال جي شين جي قيمتن جي مقرري بابت اجلاس

سمورا اسسٽنٽ ڪمشنر روزاني جي بنياد تي بازارن جو دورو ڪن ۽ جيڪي به دڪاندار وڌيڪ اڳهه تي سامان وڪرو ڪري ٿو، ڊپٽي ڪمشنر

دڪاندار دڪانن تي اڳهن جي لسٽ نمايان جڳهه تي لڳائين، اسسٽنٽ ڪمشنر سبزي ۽ فروٽ مارڪيٽ ۾ نيلامي جي عمل کي تي مانيٽر ڪري

پرائس ڪنٽرول عملدار روزاني جي بنياد تي مارڪيٽن جو دورو ڪن ۽ وڌيڪ اڳهه وٺندڙن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوشهروفيروز ۾ ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم جي صدارت هيٺ سنڊس آفيس ۾ روزاني استعمال جي شين جي قيمتن جي مقرري، ناجائز منافعي خوري ۽ ذخيره اندوزي کي روڪڻ جي حوالي سان اجلاس ٿيو. ان موقعي تي هن سمورن تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڪئي تہ هر روزاني جي بنياد تي بازارن جو دورو ڪن ۽ جيڪي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز: ڊي سي محمد ارسلان سليم اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

نئون ڪوٽ ۾ پورهيت پاران زال سميت ٻئي جمعدار خلاف احتجاج

نئون ڪوٽ(رپورٽر) نئون ڪوٽ ۾ پورهيت پاران زال سميت ٻئي جمعدار خلاف احتجاج. مزدوري گهرڻ تان جمعدار ڏمرجي گهر جي ڇت ٻڌي ريو ڪلي آسمان هيٺ بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهيون. ڪويه داڻهن نہ پيو ٻڌي پوليس به واپس موڪلائي چڪي آهي. پورهيت وسند پيل. خبر موجب نئون ڪوٽ قلعي جي رهواسي وسند پيل سندس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نئون ديرو ۾ غوثيه جماعت سهروردي جي روحاني پيشوا جي گرفتاري خلاف احتجاجي مظاهرو

جماعت غوثيه ضلعو قمبر شهداد ڪوٽ پاران وي آءِ پي روڊ ايريگيشن آفيس کان ريلي ڪڍي وئي

علي خان تنيو، خليفو نالي مٿو ڪوڪر، خليفو علي حسن تنيو، ميان معشوق تنيو جي اڳواڻي ۾ مظاهرو

مرشد مخدوم شاهه محمود حسين قريشي روحاني مرشد آهي ان کي بيگناهه گرفتار ڪيو ويو آهي: اڳواڻ

نئون ديرو(رپورٽ شاد محمود ٻٽو) غوثيه جماعت سهروردي رح جي روحاني پيشوا مخدوم شاهه محمود حسين قريشي جي گرفتاري خلاف جماعت غوثيه ضلعو قمبر شهداد ڪوٽ پاران وي آءِ پي روڊ ايريگيشن آفيس کان هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ پينا فليس کڻي پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ جماعت جي اڳواڻن ۽ مريدن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، جنهن ۾ علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سکر ۾ قانون جي تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن پاران احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

شاهه عبداللطيف يونيورسٽي انتظاميا پاران فيس ۾ واڌ ڪرڻ واري عمل خلاف شاگردن احتجاج ڪيو

يونيورسٽي جي انتظاميه قانون جي تعليم ڪاتي جي شاگردن جي فيسن ۾ واڌ ڪري چڏي آهي : شاگرد

فيس ۾ واڌ ڪري قانون جي شاگردن کي وڪيل ٿيڻ کان روڪڻ جي ڪوشش آهي، نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ قانون جي تعليم حاصل ڪندڙ شاگردن جي وڏي انگ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي انتظاميا پاران فيس ۾ واڌ ڪرڻ واري عمل خلاف ۽ ٻين مطالبن لاءِ سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سکر: شاهه عبداللطيف يونيورسٽي انتظاميا جي فيس ۾ واڌ خلاف شاگرد احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر: شهيد جان محمد مهر جا مک قاتل 60 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نہ ٿي سگهيا

سکر(رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ)شهيد جان محمد مهر جا مک قاتل 60 ڏينهن گذرڻ باوجود گرفتار نہ ٿي سگهيا سنڌ حڪومت ۽ پوليس جي واعدن، دلاسن کي ٻوٽو نہ ٻاريو. صحافين ۽ شهيد جي وارثن ۾ پي چيني وڏي وٽي ان سلسلي ۾ سکر يونين آف جرنلسٽس پاران صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ سکر پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

ماتلي تنڊو محمد خان روڊ تي بارڻ چيڪ پوسٽ وٽ واهه ۾ ٻڌي فوت ٿيل نوجوان وارو معاملو

تنڊو سائينداد جي نوجوان 35 ورهين جي دوست علي ماڇي وارو معاملو سلجهي نہ سگهيو آهي

فوتي جي وارثن پاران حيدراباد بدين روڊ تي بارڻ چيڪ پوسٽ وٽ لاش رکي ڊرٽو هنيو ويو، نعريبازي

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) ماتلي تنڊو محمد خان روڊ تي بارڻ چيڪ پوسٽ وٽ واهه ۾ ٻڌي فوت ٿي ويل تنڊو سائينداد جي نوجوان 35 ورهين جي دوست علي ماڇي وارو معاملو سلجهي نہ سگهيو آهي، فوتي جي وارثن تائين سلجهي نہ سگهيو آهي. فوتي جي وارثن حيدراباد بدين روڊ تي بارڻ چيڪ پوسٽ وٽ لاش رکي ڊرٽو هنيو ويو. ڊرٽي سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان وڏي انگ ۾ گاڏيون جمع ٿي ويون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

گهارو ۾ فلسطين مٿان اسرائيل جي ظلم جبر خلاف موٽرسائيڪل ريلي

يوٿ جي نوجوانن فلسطيني مسلمانن جي حق ۾ نعرا هنيا ۽ اسرائيل تي لعنت وڏي

فلسطينن تي يهودي اسرائيل ۽ انجا حامي مددگار ملڪ ظلم ڪري رهيا آهن : مظاهرين

مسلمانن تي ٽيندڙ ظلم بند ڪيا وڃن اسان پنهنجي فلسطيني مسلمانن سان هر وقت گڏ آهيون

گهارو(بشار جوڪيو) گهاري شهر ۾ شاهين يوٿ پاڪستان پاران فلسطين مٿان اسرائيل جي ظلم جبر خلاف موٽرسائيڪل ريلي ڪڍي وئي ريلي الحبيب هوٽل کان ٽڪٽي جيڪا مختلف چوڪن کان ٽپندي گهارو پريس ڪلب پهتي ۽ لاڏو اسپيڪر تي يوٿ جي نوجوانن فلسطيني مسلمانن جي حق ۾ نعرا هنيا ۽ اسرائيل تي لعنت وڏي ريلي جي اڳواڻي شاهين يوٿ پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

گهارو: فلسطين مٿان اسرائيل جي ظلم جبر خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

دڙو، پيلو روڊ تي بدترين بدامني، بي خوف هٿياربندن هٿان ڏينهن ڏني ڦرلٽ

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو، پيلو روڊ تي بدترين بدامني، بي خوف هٿياربندن هٿان ڏينهن ڏني پوليس اهلڪار کان ڦر، احتجاج، ڏرڻو، سابق ايم پي اي شاهه حسين شاهه شيرازي جي خاطري بعد احتجاج ختم. خبر موجب دڙو، پيلو روڊ تي لوليا سر نالي رت نامعلوم هٿياربندن ڏينهن ڏني دڙو ٽائي تي مقرر پوليس اهلڪار محبوب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

جهڏو ۾ اي سي ڪارڪردگي نہ ڏيکاري سگهيو، شهر مسئلن جي ور چڙهيل

ڪمشنر ۽ ڊي سي ميرپورخاص جا حڪم نہ هليا، شهري سخت عذابن ۾ مبتلا ٿي ويا

شهر ۾ عام واهپي جي شين اتو ڪنڊ گيهه دال چانور گوشت پاڇين ۽ فروٽ جا اڳهه چوٽ چڙهيل

نااهل اسسٽنٽ ڪمشنر کي هٽائي ڪو ايماندار آفيسر مقرر ڪري رليف فراهم ڪيو وڃي : شهري

جهڏو(سنڊيار)جهڏو ۾ اي سي ڪارڪردگي نہ ڏيکاري سگهيو

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر

جمع 13 آڪٽوبر 2023ع

وَدِي جَنِ وِڏياسِ، وَري ويجَ ئِي سي ٽِيا؛
تُرتُ بَڌائُون پَتِيُون، روزِ ڪيائُون راسِ؛
هِينئڙا! تنِين پاسِ، گهارِ تہ گهايَلُ نہ ٽِئين.

فلسطين ۽ اسرائيل ۾ هلندڙ خونريزي

صاحب خان پٹي

فلسطين ۽ اسرائيل وچ ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ ڪا نئين گهالهہ نہ آهي. ڪافي عرصي کان فلسطين پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن پر گذيل قومن ۽ اسلامي ملڪ فلسطينين کي پنهنجو حق وڙائي ڏيڻ لاءِ ڪا بہ حڪمت عملي نہ جوڙي سگهيا آهن. جنهن سبب فلسطينين ۽ اسرائيلين وچ ۾ مختلف وقتن تي ڇڪتاڻ وڌندي رهندي آهي. هونئن تہ سڄي دنيا جا مسلمان فلسطين جي حمايت ڪندا آهن پر افسوس جو اڄ ڏينهن تائين فلسطين جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ عملي طور تي ڪو بہ ملڪ سامهون نہ آيو آهي، جنهن سبب فلسطنين کي پنهنجي حقن لاءِ پاڻ ئي وڙهڻو پئجي رهيو آهي.

هن وقت حماس ۽ اسرائيلي فوج وچ ۾ ويڑهہ جاري آهي، غزه تي اسرائيلي فوج جي حملن ۾ 560 فلسطيني شهيد ٿي ويا. اسرائيلي فوج باران بہ حماس جا ويڑهاڪ سندن علاقن ۾ موجود هئڻ جي تصديق ڪئي وئي آهي. اسرائيلي فوج جي تازن حملن ۾ بن صحافين سميت وڌيڪ 14 فلسطيني شهيد، اسرائيلي حملن ۾ شهيد فلسطينين جو انگ وڌي 704 ٿي ويو، 3 هزار کان وڌيڪ زخمي. حماس جي حملن ۾ مارجي ويل اسرائيلين جو انگ بہ يارنهن سئو کان وڌي ويو. اسرائيل جي دفاع واري وزير غزه ۾ رهندڙ فلسطينين لاءِ بجلي، پاڻي ۽ کاڌ خوراڪ جي رسد بہ بند ڪرڻ جو اعلان ڪري چڪيو. حملن سبب ڪيترين ئي عمارتون مٽيءَ جو ڍير ٿيڻجي ويون آهي، ڏکڻ لبنان واري پاسي کان اسرائيلي فوج تي فائرنگ ۾ 3 اسرائيلي فوجي زخمي ٿي ييا، اسرائيلي فوج جي فائرنگ ۾ حزب الله جو اهم ويڑهاڪ مارجي ويو. اسرائيل طرفان ڏکڻ لبنان جي سرحدي پٽي جي رهواسين کي ڪئمپن ۾ منتقل ٿيڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ، اسرائيل جي بجاءِ واري وزير چيو آهي تہ غزا کي مڪمل ڪڙو ڇاڙهيو وڃي. حماس جي حملن ۾ هڪ هزار اسرائيلي مارجي ويا آهن. مارجي ويلن ۾ فوجي ۽ عام اسرائيلي شامل آهن

ٻئي طرف اسرائيل غزه جو پاڻي، بجلي ۽ کاڌ خوراڪ جي رسد مڪمل طور تي بند ڪري چڪي. جڏهن تہ فلسطينين کي غزه ڇڏي مصر وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. سعودي ولي عهد شهزاده محمد بن سلمان جو فلسطين جي صدر محمود عباس، مصري صدر عبدالفتح السيسي ۽ اردن جي شاهہ عبدالله سان فون تي رابطو ڪيو آهي. جنهن دوران اسرائيل فلسطين تڪرار تي ڳالهيون ڪيون ويون آهن. محمد بن سلمان چيو آهي تہ جائز حقن ۽ دڳهي امن لاءِ فلسطينين سان گڏ آهيون. گڏيل قومن بہ اسرائيل فلسطين معاملي تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو آهي. حماس جي حملي کانپوءِ اسرائيل عام شهرين تي بمباري ڪري رهيو هو، جنهن سبب هزارين ماڻهو بي گهر ٿي ويا آهن. جڏهن تہ هزارين زخمي بہ ٿيا آهن. جڏهن تہ ڪيترائي معصوم ٻار بہ شهيد ٿي ويا آهن. اسرائيلي فوج جي حملي ۾ مارجي ويل فلسطينين ۾ اڪثريت معصوم ٻارڙن جي آهي. اسرائيلي حملن ۾ ڪيترين ئي عمارتون ڍهي پٽ پٽجي ويون آهن. ڪيترين ئي گاڏيون بہ سڙي ويون آهن. فلسطينن کي جاني نوڙي مالي نقصان بہ ٿيو آهي.

حماس جو حملو ان وقت ٿيو آهي، جڏهن سعودي عرب سميت ڪيترائي ملڪ اسرائيل سان هٿ ملائي رهيا هئا. جڏهن تہ سعودي عرب جهڙو ملڪ بہ اسرائيل سان واسطو وڌائي رهيو هو، پر پاڪستان ايڏا تائين اسرائيل کي تسليم ناهي ڪيو. پاڪستان طرفان وضاحت بہ جاري ڪئي وئي هئي تہ پاڪستان جو اسرائيل بابت موقف تبديل ناهي ٿيو. فلسطين ۽ اسرائيل ڇڪتاڻ ڪانپوءِ اسرائيل جي حوالي سان سعودي عرب کي فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي ويندو، پنهنجي ملڪن ۾ وڌندڙ ڪاڇاڻ ۾ بہ اثر پئجي سگهي ٿو. پٽي طرف حماس ڪيترن ئي اسرائيلين کي يرغمال بڻائڻ جي دعويٰ ڪئي آهي، بهرحال اسرائيلي وزيراعظر چيو آهي تہ هو پنهنجي شهرين جي بازيابي لاءِ آخري حد تائين وڃي سگهن ٿا.

هن وقت حماس ۽ اسرائيلين وچ ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ سبب نقصان عام ماڻهن جو ٿي رهيو آهي، پنهنجي طرفان عام شهرين تي حملا ڪيا پيا وڃن. اسرائيل تہ فلسطينن تي سڌي ريت حملا ڪري رهيو آهي، جنهن سان ڪيترائي بيگناهہ معصوم فسلطيني متاثر ٿيا آهن. هن وقت گڏيل قومن کي ميدان تي اچڻ گهرجي ۽ بيگناهہ ماڻهن جي قتل عام کي روڪڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. سعودي عرب ۽ ايران کي بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي تہ جيئن بيگناهہ فلسطينن جو رت وهائڻ جو سلسلو رڪجي سگهي. خاص طور تي گڏيل قومن ۽ سعودي عرب کي فلسطين ۾ هلندڙ ظلم کي روڪرائڻ لاءِ عملي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ان ڳالهہ ۾ ڪوشڪ نہ آهي تہ اسرائيل ۽ فلسطين ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ جا اثر دنيا تي ضرور پوندا.

غير نصابي سرگرميون نفسياتي ماهرن جي نظر ۾!

محمد شاهجهان

غير نصابي سرگرميون اهي دلچسپ سرگرميون هونديون آهن، جن ۾ شاگرد پنهنجي پڑهائي ۽ ڪلاس کان ٻاهر سرگرميونن ۾ حصو وٺندا آهن. غير نصابي سرگرميون نئين صلاحيتن کي سکڻ ۽ موجوده صلاحيتن کي بهتر ڪرڻ لاءِ هڪ بهترين پليٽ فارم مهيا ڪن ٿيون جيڪڏهن توهان اسڪول، ڪاليج، يا يونيورسٽي ۾ پڑهندا آهيو، اوهين بہ انهن سرگرمين ۾ شامل ٿي يا حصو وٺي ڪري ڪيترن ئي موقعن جو فائدا حاصل ڪري سگهو ٿا. هن آرٽيڪل ۾، اسين غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جي ڪيترن ئي فائدن تي ڳالهہ ڪنداسين ۽ توهان کي توهان جي تعليمي سفر دوران انهن ۾ شامل ٿيڻ جا عملي طريقا بہ ٻڌائينداسين.

هارورڊ يونيورسٽي جي نفسياتي ماهر ڈاڪٽر رچرڊ ويسبورڊ مطابق، غير نصابي سرگرميون شاگردن کي ضروري زندگي جي صلاحيتن کي وڌائڻ ۾ مدد ڪن ٿيون، جهڙوڪ: ٽيم ورڪ سکڻ، وقت جو انتظام ۽ پابندي سکڻ، قيادت جون صلاحيتون بهتر ڪرڻ، وغيره ۾ بهتر ثابت ٿيندڙ آهن. ان خيال جي برعڪس تہ غير نصابي سرگرميون شايد شاگرد جي تعليمي ترقي ۾ رڪاوٽ ٿين ٿيون يا تعليم کي متاثر ڪري سگهن ٿيون ، ان خيال کي رد ڪندي تحقيق مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي غير نصابي سرگرميون حقيقت ۾ ان تعليمي ترقي کي وڌائي سگهن ٿيون هڪ تحقيق جيڪا "جرنل آف يوٿ اينڊ ايڊولسينس" ۾ شايع ٿيل آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جيڪي شاگرد غير نصابي سرگرميون ۾ حصو وٺندا آهن. انهن وٽ اڪثر بهتر گريڊ ۽ اعليٰ تعليم جي شرح وڌيڪ هوندي آهي. ان کان علاوه، نوجوانن جي ترقي جي هڪ ماهر ڈاڪٽر مارلن پرائس مچل جي مطابق غير نصابي پروگرامن ۾ حصو وٺڻ ذريعي توهان کي نہ صرف هڪجهڙي دلچسپي رکندڙ ماڻهن سان ملڻ جو موقعو پر نئين دوستي کي وڌائڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو ۽ ان نتيجي ۾ اوهين هڪ مضبوط نيٽ ورڪ ناهي سگهو ٿا، جيڪو توهان جي سماجي صلاحيتن ۽ اعتماد کي آساني سان راند کي بہ پسند ڪندا آهيو. اسڪولن ۾ عام طور تي ٽيمون ٺهيل هونديون آهن، جنهن ۾ اوهين بہ آساني سان شامل ٿي سگهو ٿا تنهن کان علاوه مشغول ٿيڻ سان ذهني دٻاءُ ۽ پريشانيءَ کي گهٽائڻ لاءِ هڪ صحتمند ذريعو ٿي سگهي ٿو ۽ اهو پرسڪون ٿيڻ جو هڪ بهترين طريقو پڻ آهي ، جنهن ذريعي اوهين پر سڪون ٿي سگهو ٿا. ۽ تعليمي دٻاءُ مان پڻ وقفو وٺي سگهو ٿا. وڌيڪ تعليمي ماهر، ايلسن ڊول جي صلاح مطابق غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ سان توهان جي سي وي بهتر ٿيڻ سان گڏ اوهان کي نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ بہ مددگار ٿي سگهي ٿو. ان کان علاوہ، ڪاليج يا يونيورسٽي جي داخلا ۽ سيٽ واري ڏڳ تہ دنيا جي اسڪالرشپس جي موقعن کي ڪٽ ۾ مدد ڪن ٿيون. ٻين لفظن ۾ لکجي تہ غير نصابي سرگرمين ۾ باقاعدگي سان حصو وٺڻ وارا ٻين شاگردن کان گهڻي حد تائين نمايان ٿين ٿا.

غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ توهان جي نہ صرف عزم کي ظاهر ڪري ٿو، پر صلاحيتن ۽ دلچسپيين کي پڻ نکاري ٿو. غير نصابي سرگرمين ۾ شموليت ذاتي ترقي ۽ پاڻ کي سمجهڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. هڪ ماهر نفسيات ۽ تعليمدان ڈاڪٽر برنادٽ مطابق اهي سرگرميون توهان جي اندر ٽيلنٽ کي اجاگر ڪرڻ ۽ لڪل صلاحيتن کي ٻاهر نڪارڻ ٿيون. ليڪڪ ۽ ڪيريئر ڪوچ مارسي ٽوئيٽ مطابق غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ سان اوهان اڪثر ڪري مختلف شعبن جي پيشي وارن ۽ ماهرن سان رابطي ۾ ايندا آهيو. جيڪي رابطا هلي ڪري اوهان کي انٽرنشپس حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ٿي سگهندا آهن. صلاح مشوري جي موقعن، ۽ توهان جي ڪيريئر جي باري ۾ بہ ڪارائتي ڄاڻ پڻ ڏئي سگهن ٿا. اسڪول ۾ غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جا طريقا ڪجه هي آهن: اڪثر اسڪولن ۾ مختلف ڪلبس جڙيل هوندا آهن. جنهن ۾ تقريرن جي مقابلي ۾ حصو وٺڻ، ڊرامن ۾ حصو وٺڻ، سائنس ۽ آرٽ جي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ، وغيره شامل هوندا آهن. اوهين ڪا هڪڙي سرگرمي چونڊيو جيڪا توهان جي پسند مطابق هجي. ۽ پوءِ اوهين ان ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. ان کان علاوه، جيڪڏهن توهان فٽبال، باسڪيٽ بال، ڪرڪيٽ يا ڪنهن ٻئي راند کي بہ پسند ڪندا آهيو، اسڪولن ۾ عام طور ان ڪيو. ان کان علاوه، جيڪڏهن توهان ڪميونٽي سينٽر ۾ شامل آهي، جڏهن تہ مصري فنبال، باسڪيٽ بال، ڪرڪيٽ يا ڪنهن ٻئي راند کي بہ پسند ڪندا آهيو، اسڪولن ۾ عام طور تي ٽيمون ٺهيل هونديون آهن، جنهن ۾ اوهين بہ شامل ٿي سگهو ٿا. جنهن سان توهان پنهنجي قيادت جي صلاحيتن کي بهتر بڻائي سگهو ٿا. جيڪو توهان جي اسڪول ۾ بہ مثبت اثر ڇڏي سگهي ٿو ڪجهہ ڪاليجن ۾ ڪيترائي ڪلبس ۽ شاگرد تنظيمون هونديون، جنهن کي اوهين بہ جوائن ڪري سگهو ٿا، جنهن ۾ اڪثر دلچسپ موضوعن تي ڪارائتا بحث پڻ ٿيندا آهن. توهان پنهنجي ڪيريئر سان گڏيندڙ يا توهان جي پسند جي اهم مضمونن سان جڙيل انٽرنشپس ڳولينداڪريو. جيڪي اوهان کي عملي تجربو ۽ نيٽ ورڪنگ ڪرڻ جا موقعا پڻ ڏئي سگهي ٿو.

جڏهن ڳالهہ ڪجي يونيورسٽي جي، اڪثر يونيورسٽين ۾ تحقيق جا ڪم اڪثر ڪري ٿيندا رهندا آهن، اتي پڑهندڙ شاگرد پاڻ کي پنهنجي شعبي سان جڙيل يا شوق سان لاڳاپيل ريسرچ پروجيڪٽس ۾ پاڻ کي مصروف ڪري سگهن ٿا. اوهين ان سلسلي ۾ لاڳاپيل پروفيسرن سان ملي سگهو ٿا. يونيورسٽي جي رضاڪارانہ سرگرمين ۾ شامل ٿجي يا ڪيمپس جي رضاڪارانہ تنظيمن ۾ حصو وٺڻ گهرجي. تنهن کان علاوه ڪجهہ يونيورسٽي ڪيمپس ۾ ئي اوهين شاگرد تائيمر نوڪريون ڪري سگهو ٿا، جيڪي اوهان جي دلچسپي جي شعبي سان لاڳاپيل هجن. جنهن ۾ توهان نہ صرف پيسا ڪمائي بلڪ اهو اوهان ان ذريعي عملي تجربو پڻ حاصل ڪري سگهو ٿا. غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ توهان جي تعليمي پس منظر (بيڪ گرائونڈ) کي بهتر بنائڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي. اهي سرگرميون نہ صرف ڪيترائي ذاتي ۽ پيشہ ورانہ فائدا ڏيڻ سان گڏوگڏ توهان کي مسلسل يادون جوڙڻ واسطا (ڪنيڪشن) ٺاهڻ لاءِ پڻ فائدو ڏين ٿيون. تنهن ڪري، جيڪڏهن توهان اسڪول، ڪاليج، يا يونيورسٽي ۾ پڑهندا آهيو، پنهنجي تعليمي سفر دوران پاڻ کي مشغول رکي انهن موقعن جو پرپور فائدو وٺندا ڪريو ياد رکو البرٽ آئن اسٽائن جنهن هڪ دفعي چيو هو تہ، "تعليم اها آهي جيڪا توهان اسڪول ۾ سکيل شيءِ کي وساري ڇڏڻ کان پوءِ بہ ياد رهي ٿي. ان سلسلي ۾ غير نصابي سرگرميون ان تعليم جو هڪ اهم حصو پڻ آهن."

پوتارن اڳيان بيوس ، نالي ۾ "نگران"!!

اهو تہ سڀ ڪجهہ اڃا ۾ ئي پئي ٿيوا سنڌ جي چئن ضلعن جي ڪچي جي بادشاهي ڈاڙيلن وٽ هئي، يا ايئن ڪٽي چئجي تہ اهو علاقو ڈوهارين کي چڙ تہ مقاطعي تي مليل هجي، جو اتي رياستي قانون جو پکي پر بہ هٽي نہ سگهندو هو، سهائي سوجهري، ڈينهن ڈني جو ماڻهو اغوا ڪيا ويندا هئا ۽ انهن جي آزاديءَ لاءِ ڀنگ طلب ڪيو ويندو هو. "ساڌن سان سنمک، پٽنجن سان پوري" پوليس پنهنجو ڪر سهل ڪرڻ لاءِ مغوين جي وارثن ۽ ڈاڙيلن جي وچ ۾ "باعزت ڊيل" جو اهتمام ڪندي هٽي ۽ هاٿي وري نگرانن جي دور ۾ بہ اهو ئي ڪجهہ پيو ٿئي، هاٿي تہ ويترہ وڪون اڇتي وڏي گرفتار ڈوهارين جي آزاديءَ سان مغوين جي آزاديءَ کي مشروط ڪيو پيو وڃي. ڈاڙيلن مغوين جي آزاديءَ جي عيوض پنهنجن ساٿين جي آزاديءَ جو شرط رکڻ شروع ڪيو آهي ۽ انتظاميا سندن شرطن تي انهن ڈوهارين سان ڳالهيون ڪري ٿي، پوءِ اهي ڳالهيون سڌيءَ ريت ڪيون وڃن يا پوتارن وسيلي ٿين. جنهن کي عرف عام ۾ "راجوٽي ڪوششون" چيو وڃي ٿو. جنهن انتظامي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺندي هاٿي ڈاڙيلن دٻاءُ وجهڻ لاءِ پوليس ٽاڻن تي حملا شروع ڪري پوليس اهلڪار اغوا ڪرڻ شروع ڪيا آهن تہ جيئن انتظاميا کي مجبور ڪري جهڪائي سگهجي. ڪالهہ اهڙو ئي هڪ واقعو شڪارپور ضلعي جي ڪرٹ شاهو ۾ ٿيو آهي، جتي ڈوهارين ٽاڻي تي حملو ڪري ايس ايڇ او سميت پنجن اهلڪارن ۽ ايس ايڇ او جي پٽ کي اغوا ڪري ويا آهن ۽ سرڪاري هٿيار پڻ کڻي ويا آهن. ڈوهارين جي گهر آهي تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ گرفتار ڪيل سندن ساٿين کي آزاد ڪيو وڃي.

نگران منتظمين سنڌ ۾ انتظامي واڳون سنڀالينديءَ ٽي پوليس جي انتظامي بساط ئي اونڌي ڪري چڏي ۽ نوان انتظامي مهرا آڻي اهو تاثر ڏنو تہ وڏي تبديلي آندي پٽي وڃي ۽ هاٿي سنڌ ۾ نہ هوندو ڈوهارين جو وجود ۽ نہ ئي هوندا ڈوها ان انتظامي اٽل ٻڌل ۽ زلزلي جا اثر ڪجهہ ڏينهن تائين ۽ آفٽر شاڪس مهيني ڪن تائين محسوس ڪيا ويا ۽ هاٿي جڏهن ڏينهن ڏيهاڙو ختم ٿيو آهي تہ خبر پئي آهي تہ اها انتظامي ٻيڙي ساڻڪئي تڙ تي "اول پٽڻ" پئي ٽئي. ان سڄي وٽ پکڙ مان اها اميد رکي پئي وئي تہ سنڌ جي امن امان جي صورتحال بهتر ٿيندي ۽ اغوا انڊسٽري تي زوال ايندو پر افسوس سان چوٽو ٿو پوي تہ سنڌ جي عوام جون اهي اميدون اڃايون ثابت ٿيون ۽ زوال تہ پري جي ڳالهہ ويتر ان اغوا انڊسٽري ڪي عروج نصيب ٿيو آهي، جنهن جو سبب انتظامي سنجيدگيءَ جي اڻاٽ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر نٿو اچي. شروع ۾ تہ ڈاڙيلن خلاف آپريشن جا واعدا ڪيا ويا، پوليس موبائلن جي جج ڪچي ڈاهڻ ويندي ڈيڪاري وئي ۽ رينجرز جي چرپر بہ نظر اچڻ لڳي پر پوءِ آپريشن جا نتيجا نظر نہ آيا. رڳو سنڌ ۾ نگران انتظاميا جي سڄي سرگرمي انتظامي افراتفري تہ پيدا ڪئي ۽ "ڪريو ڪجهہ بہ نہ پر سڀ ڪجهہ ڪندي نظر اچو" وارا لٹاءِ جوڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. هاٿي تہ معاملو مغوين ۽ ڈوهارين جي "متا ستا" تائين وڃي پهتو آهي. جنهن جا سبب صاف ظاهر آهن تہ ڈاڙيلن کي ناس ڪرڻ لاءِ ۽ ڈوهن جي خاتمي لاءِ ڪا نئين ۽ جٹادار پاليسي اختيار نہ ڪئي وئي. ساڳي طرح اڳوئي انتظاميا ۽ انگر پوتارن تي پاڻيو ويو. نگران منتظمين شروعات ۾ ئي مغوين جي بازيابيءَ لاءِ سردارن کي تاسڪ ڈيڻ شروع ڪيا، جنهن جي نتيجي ۾ ڪجهہ مغوي پنهنجن ڳهرن تائين پهتا پر پوءِ خبر پئي تہ انهن مان ڳڻتن کي بہ ڀنگ جي عيوض آزادي نصيب ٿي آهي، سوچڻ جي ڳالهہ اها آهي تہ اهي پوتار ۽ سردار جيڪي ڈوهارين جي سرپرستي کن تا، ڈوهہ جن جي معيشت آهي، اهي ڪيئن چاهيندا تہ اغوا انڊسٽري زوال ڏانهن وڃي؟! هتي سوال اهو بہ ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا ڈاڙيل رياست کان ڏاڍا آهن؟ ٻين لفظن ۾ اهو تہ ڇا رياست ڈاڙيلن کان ڪمزور آهي، جو اها شهرين جي تحفظ واري آئيني ذميواري پوري نہ ڪري سگهي آهي؟

جڏهن بہ ڈاڙيلن خلاف آپريشن شروع ڪيندو آهي تہ ان تي گهٽي بجيت خرچ ٿيندي آهي. جيئن تہ اهو سڀ ڪجهہ عوام جي ٽيڪسن جي ناڻي مان ٿئي ٿو، ان ڪري عوام کي اهو حق حاصل آهي تہ اهو اها پڇا ڪري تہ ڈاڙيلن خلاف اهو بي نتيجا آپريشن ڪٽي پيو ٿئي؟ سنڌ جي نگران انتظاميا کي گهرجي تہ پوتارن تي پاڙ بدران رياستي قانون کي عمل ۾ آڻيندي عوام جي تحفظ جي ذميواري پوري ڪئي وڃي ۽ آپريشن جي لالي پاپ بدران پوليس جي ذريعي ڈوهارين خلاف فيصلاڪتو آپريشن ڪيو وڃي. پر ان لاءِ سڀ کان پهرين ڈوهن جي سرپرستي ڪندڙ "اشرافيا" ۾ هٽ وجهڻو پوندو. جن جي چٽيءَ جي ڇانوَ ۾ ڈوهہ اسري ۽ نسري ٿو.

اهو عدالتي پراسيس جي نتيجي ۾ ٿيندو، جيڪڏهن عدالتي عمل جي نتيجي ۾ عمران خان کي چوندڻ ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ملي ٿي تہ هو پاڻي حصو رڻي پر جيڪڏهن تہ تہ مان ڪيئن اها پابندي ختم ڪري سگهان ٿو؟سندس چوڻ هو تہ اليڪشن ڪميشن موجب چوڌن جون تيارين مڪمل آهن ۽ چوندون پنهنجي مقرر وقت تي ٿيندڙ پر سيڪيورٽي جي حوالي سان ڪجهہ خدشا آهن. جيڪي ختم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ن ليڪ جي نواز شريف لاءِ نرمي رکڻ بابت سوال تي نگران وزيراعظر چيو تہ مان اهو تاثر مڪمل طور رد ڪيان ٿو. نگران وزيراعظر پنهنجي ڪن اڳ سرير نواز سان منهنجي ملاقات ٿي ۽ ان معاملي ۾ غلط بيباڪي تہ ڪندس. عهدر سنڀالڻ ڪان اڳ بلاول، فضل الرحمان، آصف زرداري ۽ 9 مئي واقعن کان اڳ عمران خان سان بہ ملاقات ٿي انوار الحق ڪاڪوڙ چيو تہ هڪ نگران حڪومت ڪنهن ڊيل جو حصو ڇو هوندي؟ نواز شريف جڏهن عدالتي فيصلي تي باهر ويو تہ ان وقت تہ نگران سيٽ ۾ تہ پي ٽي آئي جي حڪومت هئي پر ان وقت عمران خان جي حڪومت هئي.

تہ بجلي ۽ گيس جي بلن جي ڪري خريدارن کي هيل تائين ڪو رليف ناهي ملين

بقايا 09 ***

جيئن پاناما جو ڪيس آهي، رپورٽ موجب پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل ۽ فزيوٿراپسٽ اڊيالا جيل ۾ عمران خان سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ بيرسٹر علي ظفر، گوهر خان، عمير نيازي، محمود خان، عمران خان جو فزيوٿراپسٽ ڈاڪٽر عاصر يونس ۽ ٻيا شامل هئا. وڪيل ۽ ڈاڪٽر پي ٽي آءِ چيئرمين سان ملاقات کان پوءِ بيرسٹر علي ظفر چيو تہ عمران خان سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ ڈاڪٽر ياسمين راشد، ڈاڪٽر سلمان شاهہ ۽ ٻيا ڪيترا ماهر ڊاڪٽر به موجود هئا. ان موقعي تي وفد ڳالهہ چيت ورڪ ڪئي، وقت جو انتظام ۽ پابندي سکڻ، قيادت جون صلاحيتون بهتر ڪرڻ، وغيره ۾ بهتر ثابت ٿيندڙ آهن. ان خيال جي برعڪس تہ غير نصابي سرگرميون شايد شاگرد جي تعليمي ترقي ۾ رڪاوٽ ٿين ٿيون يا تعليم کي متاثر ڪري سگهن ٿيون . ان خيال کي رد ڪندي تحقيق مان معلوم ٿئي ٿو تہ اهي غير نصابي سرگرميون حقيقت ۾ ان تعليمي ترقي کي وڌائي سگهن ٿيون هڪ تحقيق جيڪا "جرنل آف يوٿ اينڊ ايڊولسينس" ۾ شايع ٿيل آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ جيڪي شاگرد غير نصابي سرگرميون ۾ حصو وٺندا آهن. انهن وٽ اڪثر بهتر گريڊ ۽ اعليٰ تعليم جي شرح وڌيڪ هوندي آهي. ان کان علاوه، نوجوانن جي ترقي جي هڪ ماهر ڈاڪٽر مارلن پرائس مچل جي مطابق غير نصابي پروگرامن ۾ حصو وٺڻ ذريعي توهان کي نہ صرف هڪجهڙي دلچسپي رکندڙ ماڻهن سان ملڻ جو موقعو پر نئين دوستي کي وڌائڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو ۽ ان نتيجي ۾ اوهين هڪ مضبوط نيٽ ورڪ ناهي سگهو ٿا، جيڪڏهن توهان جي سماجي صلاحيتن ۽ اعتماد کي آساني سان راند کي بہ پسند ڪندا آهيو، اسڪولن ۾ عام طور تي ٽيمون ٺهيل هونديون آهن، جنهن ۾ اوهين بہ آساني سان شامل ٿي سگهو ٿا تنهن کان علاوه مشغول ٿيڻ سان ذهني دٻاءُ ۽ پريشانيءَ کي گهٽائڻ لاءِ هڪ صحتمند ذريعو ٿي سگهي ٿو ۽ اهو پرسڪون ٿيڻ جو هڪ بهترين طريقو پڻ آهي ، جنهن ذريعي اوهين پر سڪون ٿي سگهو ٿا. ۽ تعليمي دٻاءُ مان پڻ وقفو وٺي سگهو ٿا. وڌيڪ تعليمي ماهر، ايلسن ڊول جي صلاح مطابق غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ سان توهان جي سي وي بهتر ٿيڻ سان گڏ اوهان کي نوڪري حاصل ڪرڻ ۾ بہ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. ان کان علاوه، ڪاليج يا يونيورسٽي جي داخلا ۽ سيٽ واري ڏڳ تہ دنيا جي اسڪالرشپس جي موقعن کي ڪٽ ۾ مدد ڪن ٿيون. ٻين لفظن ۾ لکجي تہ غير نصابي سرگرمين ۾ باقاعدگي سان حصو وٺڻ وارا ٻين شاگردن کان گهڻي حد تائين نمايان ٿين ٿا.

غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ توهان جي نہ صرف عزم کي ظاهر ڪري ٿو، پر صلاحيتن ۽ دلچسپيين کي پڻ نکاري ٿو. غير نصابي سرگرمين ۾ شموليت ذاتي ترقي ۽ پاڻ کي سمجهڻ ۾ پڻ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو. هڪ ماهر نفسيات ۽ تعليمدان ڈاڪٽر برنادٽ مطابق اهي سرگرميون توهان جي اندر ٽيلنٽ کي اجاگر ڪرڻ ۽ لڪل صلاحيتن کي ٻاهر نڪارڻ ٿيون. ليڪڪ ۽ ڪيريئر ڪوچ مارسي ٽوئيٽ مطابق غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ سان اوهان اڪثر ڪري مختلف شعبن جي پيشي وارن ۽ ماهرن سان رابطي ۾ ايندا آهيو. جيڪي رابطا هلي ڪري اوهان کي انٽرنشپس حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ٿي سگهندا آهن. صلاح مشوري جي موقعن، ۽ توهان جي ڪيريئر جي باري ۾ بہ ڪارائتي ڄاڻ پڻ ڏئي سگهن ٿا. اسڪول ۾ غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ جا طريقا ڪجه هي آهن: اڪثر اسڪولن ۾ مختلف ڪلبس جڙيل هوندا آهن. جنهن ۾ تقريرن جي مقابلي ۾ حصو وٺڻ، ڊرامن ۾ حصو وٺڻ، سائنس ۽ آرٽ جي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ، وغيره شامل هوندا آهن. اوهين ڪا هڪڙي سرگرمي چونڊيو جيڪا توهان جي پسند مطابق هجي. ۽ پوءِ اوهين ان ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو. ان کان علاوه، جيڪڏهن توهان فٽبال، باسڪيٽ بال، ڪرڪيٽ يا ڪنهن ٻئي راند کي بہ پسند ڪندا آهيو، اسڪولن ۾ عام طور تي ٽيمون ٺهيل هونديون آهن، جنهن ۾ اوهين بہ شامل ٿي سگهو ٿا. جنهن سان توهان پنهنجي قيادت جي صلاحيتن کي بهتر بڻائي سگهو ٿا. جيڪو توهان جي اسڪول ۾ بہ مثبت اثر ڇڏي سگهي ٿو ڪجهہ ڪاليجن ۾ ڪيترائي ڪلبس ۽ شاگرد تنظيمون هونديون، جنهن کي اوهين بہ جوائن ڪري سگهو ٿا، جنهن ۾ اڪثر دلچسپ موضوعن تي ڪارائتا بحث پڻ ٿيندا آهن. توهان پنهنجي ڪيريئر سان گڏيندڙ يا توهان جي پسند جي اهم مضمونن سان جڙيل انٽرنشپس ڳولينداڪريو. جيڪي اوهان کي عملي تجربو ۽ نيٽ ورڪنگ ڪرڻ جا موقعا پڻ ڏئي سگهي ٿو.

جڏهن ڳالهہ ڪجي يونيورسٽي جي، اڪثر يونيورسٽين ۾ تحقيق جا ڪم اڪثر ڪري ٿيندا رهندا آهن، اتي پڑهندڙ شاگرد پاڻ کي پنهنجي شعبي سان جڙيل يا شوق سان لاڳاپيل ريسرچ پروجيڪٽس ۾ پاڻ کي مصروف ڪري سگهن ٿا. اوهين ان سلسلي ۾ لاڳاپيل پروفيسرن سان ملي سگهو ٿا. يونيورسٽي جي رضاڪارانہ سرگرمين ۾ شامل ٿجي يا ڪيمپس جي رضاڪارانہ تنظيمن ۾ حصو وٺڻ گهرجي. تنهن کان علاوه ڪجهہ يونيورسٽي ڪيمپس ۾ ئي اوهين شاگرد تائيمر نوڪريون ڪري سگهو ٿا، جيڪي اوهان جي دلچسپي جي شعبي سان لاڳاپيل هجن. جنهن ۾ توهان نہ صرف پيسا ڪمائي بلڪ اهو اوهان ان ذريعي عملي تجربو پڻ حاصل ڪري سگهو ٿا. غير نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ توهان جي تعليمي پس منظر (بيڪ گرائونڈ) کي بهتر بنائڻ جو هڪ بهترين ذريعو آهي. اهي سرگرميون نہ صرف ڪيترائي ذاتي ۽ پيشہ ورانہ فائدا ڏيڻ سان گڏوگڏ توهان کي مسلسل يادون جوڙڻ واسطا (ڪنيڪشن) ٺاهڻ لاءِ پڻ فائدو ڏين ٿيون. تنهن ڪري، جيڪڏهن توهان اسڪول، ڪاليج، يا يونيورسٽي ۾ پڑهندا آهيو، پنهنجي تعليمي سفر دوران پاڻ کي مشغول رکي انهن موقعن جو پرپور فائدو وٺندا ڪريو ياد رکو البرٽ آئن اسٽائن جنهن هڪ دفعي چيو هو تہ، "تعليم اها آهي جيڪا توهان اسڪول ۾ سکيل شيءِ کي وساري ڇڏڻ کان پوءِ بہ ياد رهي ٿي. ان سلسلي ۾ غير نصابي سرگرميون ان تعليم جو هڪ اهم حصو پڻ آهن."

آڪٽوبر تي خصوصي جهاز ذريعي پاڪستان پهچندو. ياد رهي تہ آڪٽوٻر وزيراعظر نوازشريف 19 نومبر 2019 تي علاج لاءِ برطانيہ ويو هو

بقايا 13 ***

غيرمعمولي ديئر جي حوالي سان آگاهي ڏني آهي. خط جي متن ۾ چيئرمين اين ايڇ اي ڪان مطالبو ڪيو ويو آهي تہ اهو معاملو انتهائي اهميت جوگرو آهي. تنهن ڪري انهن آبهاشي نالن کي ويڪرو ڪرڻ جو ڪم جنگي بنيادن تي ڪيو پيو وڃي تہ جيئن مستقبل ۾ پوڙ جي آفت کان بچي سگهجي. سيڪري

ڏاڙو لڳ نوجوان ناري مبينا اغوا، ڏاڙو ٽائي ٽي زيادتي ۽ زبردستي نڪاح جو ڪيس داخل

ڳوٺ ہڪو سومرو جي رهواسي ناري مسمات گلشن ڏي۽ ڪيو خاصخيلي جي فرياد تي ڪيس داخل

جوابدارن رحيم بخش خاصخيلي، سليم خاصخيلي ۽ محمد رحيم خاصخيلي خلاف مبينا اغوا ٿي زيادتي ۽ زبردستي نڪاح جو

ڏاڙو (ن سنڌ ياں) ڏاڙولڳ نوجوان ناري مبينا اغوا، ڪيس 6 جوابدارن خلاف داخل. 3 جوابدار ڏاڙ ٽائي ٽي زيادتي ۽ زبردستي نڪاح جو گرفتار. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 39

نئون ديرو جي سينيئر صحافي رياض حسين کنگرو جي امڙ ڏکيو عرصو بيمار رهڻ بعد فوت

ميونسپل ڪاميٽي جيئرمين عبدالخالق پٺو، پ پ آڳواڻ عبدالفتاح پٺو، ديدار علي پٺو تعزيت ڪئي

بادل ملاح،ارشاد علي ميراڻي، شاد محمود پٺو، شهزاد عباسي، ساحل عباس، رضوان جوڻيجو تعزيت ڪئي

نئون ديرو(رپورٽ) نئون ديرو جي سينيئر صحافي رياض حسين کنگرو جي امڙ ڏکيو عرصو بيمار رهڻ بعد بيماري،سان جهيڙيندي زندگيءَ جي جنگ هارائي وئي جنهن جي جنازي نماز شهر جي مرڪزي المصطفيٰ عيد گاهه ۾ ادا ڪئي وئي جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

بدين جي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ۾ پڙهندڙ شاگرد تي استاد طرفان سخت تشدد

هاءِ اسڪول جي استاد ڏيشان ميمڻ پاران ستين ڪلاس جي شاگرد تي تشدد ڪيو ويو

تشدد جو نشانو بڻايو ٻيهوش ٿي ويو ڈاڪٽر کان علاج ڪرائڻ بعد هو هاڻي ٺيڪ آهي :والد

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين جي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ۾ پڙهندڙ ستين ڪلاس جي شاگرد تي استاد طرفان سخت تشدد ڪلاس جي شاگرد تي استاد ڏيشان ميمڻ پاران ستين ڪلاس جي شاگرد نجف سمون ولد محمد نواز سمون تي سخت تشدد ڪيو ويو جنهن تي هو ڪري زخمي ٿي ويو ڪنڊ ڪنڊ ڏيڪر ڪنڊ ڪنڊ ڏيڪر

ٽنڈو محمد خان ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جون تقريبون جاري

گرلس پرائمري اسڪول شوڪت ڪالوني ۾ جشن عيد ميلاد النبي ﷺ جي تقريب ٿي

استادياڻين پاران حضور پاڪ محمد مصطفيٰ ﷺ جي شان ۾ عقيدت جا گل نڇاور ڪيا ويا

ٽنڈو محمد خان (ڀر مظفر علي برهمي) ٽنڈو محمد خان ۾ جشن عيد ميلاد النبي جون تقريبون جاري آهن انهي سلسلي ۾ ٽنڈو محمد خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 40

داڏو پرسان ڳوٺ محمد موسيٰ ٻيرَ ۾ اسڪول نہ هجڻ بابت ڳوٺاڻن جي احتجاج جو نوٽيس

تعليم ڪاتي جي علمدارن بند پيل اسڪول جو سيميز ڪوڊ ڏيندي استاد مقرر ڪيو ويو آهي

ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر، تعليمي عملدار غلام رسول چانڊيو ۽ ٻين اسڪول جو افتتاح ڪيو

داڏو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) داڏو پرسان ڳوٺ محمد موسيٰ ٻيرَ ۾ اسڪول نہ هجڻ بابت ڳوٺاڻن جي احتجاج واريون خبرون نشر ۽ شايع ٿيڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

ميرپورخاص ۾ پريمي جوڙي پسند جي شادي ڪري ڇڏي، احتجاجي مظاهرو

مالهي ڪالوني واسي 25سالن جي احمد علي خاصخيلي احتجاجي مظاهرو ڪيو

رشتيدارن پاران جان کان مارڻ جو خطرو آهي،انتظاميه کان تحفظ جي گهر ڪيون ٿا :آڳواڻ

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص ۾ پريمي جوڙي پسند جي شادي ڪري ڇڏي سنڌس جانين کي خطرو آهي تحفظ جي اپيل پريمي جوڙي) ميرپورخاص مالهي ڪالوني واسي 25سالن جي احمد علي خاصخيلي سيال ڪالوني واسي 25سالا سيما ڏي قادربخش خاصخيلي سان عدالت سگهري جي فريبول بعد پسندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

بقايا سنڌيار 01

ويو، احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي آڳواڻ ۽ سينيئر صحافي خالد ڪوڪر، حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي صدر اقبال ملاح، پريس ڪلب لٽو جي صدر اڪبر دلواڻي، سينيئر صحافين شبير پٽي، اعجاز واري، جاويد لطيف ميمڻ، ساجد شيخ، راڄا تنوير خاصخيلي، عوامي پريس ڪلب جي آءِ بي شوري، گهاري پريس ڪلب جي صدر دائم شاه ۽ ذوالفقار خاصخيلي، گجو پريس ڪلب جي اقبال ميمڻ، لٽو بجايو فورم جي جمشيد قريشي جيئي سنڌ تحريڪ (ڪرنائي) جي اڳواڻ باغي فرهاد ميمڻ سميت سياسي، سماجي اڳواڻن، شهرين ۽ صحافين شرڪت ڪئي. ان موقعي ني پي ايف يو جي جي مرڪزي اڳواڻ خالد ڪوڪر خطاب ڪندي چيو رياست ۽ حڪومت هٽ وٽي سرداري نظام کي مضبوط ڪري رهيا آهن. شهيد جان محمد مهر سنڌ جو سڳهارو صحافتي آواز هو، جنهن جي قاتلن جي گرفتاري تائين جدوجهد جاري رهندي. هن چيو ته اسان جي هاڪڙي جدوجهد جو مرحلو انتهائي سخت هوندو. سنڌ آندر عدن تحفظ جو شڪار آهن. ڏينهون ڏينهن صحافين لاءِ مشڪلاتون پيش اچي آزاد صحافت جي رستا روڪ ٽيڻ جي سازش ڪئي رهي آهي. حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي صدر ۽ سينيئر صحافي اقبال ملاح خطاب ڪندي چيو اسان مارشلاڻن جي دور ۾ ۽ سخنين کي منهن ڏنو آهي. جيستائين جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نٿا ٽين تيستائين اسان روڻن کان واپس نہ ايندا سنجي سنڌ آندر پي يو جي سڏ تي ايڇ يو جي ۽ ايس يو جي پاران مرحليوار جدوجهد جاري آهي جنهن ۾ سنجي سنڌ ۾ روزانو بنيادن تي احتجاج ٿي رهيا آهن. حيدرآباد ۾ تاريخي احتجاجي مارچ ڪري ڏاڙو هنيو ويندو، جنهن ۾ پي ايف يو جي جو مرڪزي صدر افضل بٽ سميت سموري مرڪزي قيادت شرڪت ڪندي. اسان کي هائي اسلام آباد وڃڻو پيو ته ويندا سين پر ڪنهن صورت ۾ اسان خاموش نہ ويندا سين. ايس ٽي پي جي ضلعي صدر پريس ڪلب لٽو جي صدر اقبال جاکرو، سينيئر صحافين خدا بخش بروهي، محبوب بروهي، شبير پٽي، اڪبر دلواڻي، مقصود جوکيو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو شهيد جان محمد مهر سنڌ جي صحافت کي نوان لاڙا ڏنا ۽ سنڌ جي صحافت ۾ سگهه ۽ روح ڦوڪيو. هڪ پرجستي صحافي ڪي سکر جي وڏ بازار ۾ 14 آگسٽ جي رات سرعام گرليون هڻي شهيد ڪري قاتل آسائي سان فرار ٿي آزاد گهمي رهيا ۽ سوشل ميڊيا تي بيان جاري ڪري شهيد جي وارثن کي ڏمڪيون ڏئي رهيا آهن. هتن چيو ته نگران حڪومت ۽ سکر پوليس سواءِ ڪوڪلي ڏهوائن جي ڪڪ پڇي ٻيڙو ناهي ڪيو. نگران ڪابوز وزير پاران مقرر ڪيل جاچ آفيسر کي جلچ مان هڪ پيرو ٻيهر ڊار ڪيو ويو آهي. جنهن مان ڪيترائي شڪ شبها وڌي رهيا آهن پر حڪومت جي ڪن تي جوءَ نٿي سري آڳواڻن شهيد جان مهر جي قاتلن کي فوري طور تي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا سنڌيار 02

جنهن ڪري انصاف لاءِ دربدر آهيون. احتجاج ڪندڙن ڏي آءُ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو ته قاتلن کي گرفتار ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 03

تي سڄي منڊي ۾ سوگهو ڪيو ته ڏوري پستل جا فائر ڪري فرار ٿي ويا ۽ رستي ۾ انهن ٽن ڏورن اتي چڪي مالڪ طفيل احمد ميمڻ کان پٽسا ڏرڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو موٽر سائيڪل ڇڏي ڀڄي ويو. هن ٻڌايو ته سندس وٽ اڍائي لک روپيا هئا. هوڏانهن سنڌ ڪالوني نوشهرو فيروز مان چور قربان شاه جي موٽر سائيڪل چوري ڪري ويا. شهر ۾ ڏورن ۽ چورن جي راڄ تي شهرين تعجب جو اظهار ڪندي پوليس جي ڪاهوءَ ڏنو تي سوالِيا نشان ڇڏيا آهن ۽ تعجب جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 04

نوشهروفيروز ۾ڊاڪٽر اسد ڪلهوڙو ۽ AMSڊاڪٽر سعيد احمد جلباڻي ڪئي آگاهي ريلي، ڪي خطاب ڪندي آڳواڻن چيو ته اسپتال اندر ايندڙ اڪيون جي مريضن ڪي تر علاج ڏني سگهجي ٿو ۽ احتياطي تدابير ٻڌائي سگهجن ٿيون پر ڪجهه ماڻهو غير واسطيدار ماڻهن سان ملي اڪيون جون ڏاڻون استعمال ڪن ٿا جنهن ساڻن اکين جي صحت برقرار نہ ٿي رهي انڪري مريضن کي، اڪيون جي بيمارين جي ماهر ڈاڪٽرسان رابطو ڪرڻ گهرجي ۽ جيئن توهان جون اکيون محفوظ رهي سگهن آن لاءِ هتن صلاحن ٿي عمل ڪرڻ گهرجي. 1_ اکيون صاف رکو. 2_ متيءَ کان بچائڻ لاءِ سن گلاسز پائڻ. 3_ توهان جي اسڪرين جي وقت کي محدود ڪريو ۽ ڪم ڪرڻ دوران اسڪرين محافظ استعمال ڪريو. 4_ پنهنجي شوگر ۽ بلڊپريشر جي سطح کي ڪنٽرول ۾ رکو. 5_ جنڪ فوڊز کان پاسو ڪريو ۽ صحتمند غذا خاص ڪري وٽامن اي سان پرپور خوراڪ جو شيدول ٺاهيو 6_ اکين جو سالياني چڪاس ڪرايو، انهن ڳالهين تي عمل ڪرڻ سان اکين جي نظر کي بچائي سگهجي ٿو ان موقعي تي ڈاڪٽر رحمت الله سيال ڈاڪٽر محمد اجمل راجپوت ڈاڪٽر حاڪر علي جوڪيو ڈاڪٽر عبدالستار گانگهرو پيراميڊيڪل آڳواڻ محمد سعود برهيو اشرف قريشي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 05

لڳ راهوٽ روڊ تي ڳوٺ ڪيرو ڪولهي ۽ هٿياربند ڇورن متاطعي تي زمين آباد ڪندڙ غريب ڪولهي برادري جي ساڑين کي چوري ڪري رهيا هئا ته ننڍ ستل ڪولهي برادري ماڻهن مزاحمت ڪئي. جنهن جي نتيجي ۾ هٿياربندن ڪهاڙيون هٿي ڪولهي برادري جي نوجوان ڀينو ڪولهي کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا. زخمي نوجوان کي فوري طور تي رڙل هيلٿ يونٽ ڏاڙو ۽ ان سلسلي ۾ ڪولهي برادري جي زخمي ٽيل نوجوان جي وارثن واڳهه ڪولهي، رميش ڪولهي، آڌار، ناٿو ڪولهي ۽ ٻين جي آڳواڻي ۾ عورتن ۽ پارن ٻنون راهوٽ روڊ تي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو. هنن مطالبو ڪيو واقعي ۾ سنجاتل ٻن جوابدارن جميل ٻنجارو ۽ خليل ٻنجارو کي گرفتار ڪيو وڃي. هوڏانهن ٻنون پوليس ٽن نامعلوم جوابدارن خلاف ايف سي رپورٽ داخل ڪري چڪي آهي.

بقايا سنڌيار 06

ٽيڻ بعد معصوم ٻار جو مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو مڙهه کي اباڻي ڳوٺ ڪنڊاڻي ويا گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا سنڌيار 07

ان موقعي تي سرڪاري ملازمن تريزري اڪائونٽس آفيسر عبدالرئوف سومرو خلاف شڪايتن جا انبار لڳائي چڪا. جنهن تي اسسٽينٽ جنرل ٽريزريز غلام مرتضيٰ شيخ، ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر قمبر کي هدايتون ڏيندي چيو ته پينڊنگ رهيل ڪيس کي ميرٽ جي بنياد تي تڪوا اڪليا وجن ته جيئن ماڻهن کي ڪنهن به قسم جي ڪا تڪليف نہ ٿي. ڪلي ڪچهري ۾ رهيل ڪيسن کي ميرٽ جي بنياد تي نبيرڻ جي هدايت ڪئي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر قمبر شهداد ڪوٽ سجاد حيدر قادري شڪايت ڪندڙ کي يقين ڏياريو ته توهان جا جائز مسئلا خزاني آفيس ۽ واسطيدار آفيس طرفان حل ڪيا ويندا ۽ ان ڏس ۾ ڪا تڪليف درپيش اچي ته هو مرنسان رابطو ڪن. ڪليل ڪچهري کي خطاب ڪندي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر قمبر

شهداد ڪوٽ عبدالرؤف سومرو چيو ته ماڻهن جا جائز ڪم هر صورت ۾ حل ڪيا ويندا ۽ ان ۾ ڪنهن به قسر جي ڪوتاهي کي برداشت نہ ڪيو ويندو ۽ ڪنهن به قسر جي ڪا تڪليف هجي ته هو مرنسان ملي سگهن ٿا. ڪلي ڪچهري ۾ پيتي انسپيڪٽر جنرل ٽريزريز آغا شهريار خان، حبيب الرحمٰن آرائين، ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر طارق علي خانزاد، اڪائونٽس آفيسر محمد شاه ۽ ضلعي جا عملدار ۽ ٻيا واسطيدار موجود هئا.

بقايا سنڌيار 08

ملاح، نور محمد هٽيار سميت سول سوسائٽي ۽ شهرين وڏي اڃ ۽ شرڪت ڪئي، ان موقعي ريلي کي خطاب ڪندي آڳواڻن چيو ته پاڪ فوج جي خلاف جيڪا پروپئگنڈا ڪري رهيا آهن انهن کي اسان واضح پيغام ڏيون ٿا ته پاڪ فوج جيڪا ملڪ جي سرحدن تي پنهنجي جانين جو نظرانو ڏئي قوم جي حفاظت ڪري ٿي سڀ ڪجهه ڪري ٿي ڪمند. ساروبن، ڪٽيون، ٽماٽو سميت هر لهندڙ فصل جو فائدو آباڪارن بدران ڪميشن مافيا کي ڏئي سنڌ جي غريب عوام کي وڌيڪ بدحال ۽ برباد ڪيو پيو وڃي. سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر انور نوحاڻي، رمضان رند پنهل سولنگي آبادگار آڳواڻ زاهد رند،اعظم خان رند اسماعيل سومرو ،ڪاميرد يوسف ڪنيار خطاب ڪندي چيو ته حڪمران سنڌ جي زراعت کي تباهي ڪناري پهچائي ڇڏيو آهي. ڏاڙهن فصل لهن ٿا انهن جا اڳ ڪيرايا وڃن ٿا. آبادگارن کي انهن فصلن جي اڃاڻ ڏني ڪڍڻ بدران نيڪيدار مافيا سرامر ظلم ڪري رهيا آهن ۽ ڪوڙي ڪيسن ۾ قاسائڻ جون ڏمڪيون ڏيئي رهيا آهن ، جڏهن ته اسان جو پنهنجي پاڻ سان ڪوواسطو ۽ رابطو به نہ آهي ، هتن ايس ايس پي ٽنڈو محمد خان کان اپيل ڪئي آهي ته اسان کي تحفظ ڏنو وڃي ۽ ڏمڪيون ڏيندڙ ٻاڦر ماڻهن خلاف ڪارواڻي ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 09

آڳ جوابدارن سليمان مهر، سراج، حفيظ حبيب الله مجيب، خدا بخش سميت ڪل 97 جوابدارن سرعام هٿياربن سان ڳوٺ ڪيرو ڪهر، جنهن جي نتيجي ۾ گرليون لڳڻ سبب غلام مرتضيٰ، عبدالغفار مارچي ويا هئا، جڏهن ته امام زادي جي زال جاويد احمد، مسڪان ڏي۽ غلام مرتضيٰ، عليشاه ڏي۽ جاويد کي اغوا ڪيو ويو ته مالٽو جانور ۽ موٽرسائيڪل پڻ ڦري ويا هئا، جنهن ڪيس ۾ نامزد جوابدارن ڪي پوليس گرفتار ڪرڻ بعد رشوت عيوض چڏي ڏنو آهي. ۽ هاڻي جوابدار سان ڪي موتمار ڏهڪيون ڏئي رهيا آهن آفيسر ڪان معلومات ورتي جنهن تي هن ٻڌايو ته ڪجه ڏاڙا ڪيس آهن جن جون لاڳاپيل ڪاپيل طرفان ڪورٽ فارملٽيز پوريون نہ آهن يا وري آسان وٽ پهتا ئي نہ آهن جنهن تي اسسٽينٽ جنرل ٽريزريز واسطيدار ڪاتن ۽ ڪي هدايتون جاري ڪيون. آر ايڇ سي مڱڻهي ڊاڪٽرن کي گهرجي ته صحت جي حوالي سان عوام کي رليف ڏين ۽ پنهنجي حاضري کي يقيني بنائڻ ان ۾ ڪوتاهي برداشت نہ ڪئي ويندي . اسسٽنٽ ڪمشنر جي آر ايڇ سي عملدارن کي هدايت ڪئي.

بقايا سنڌيار 10

تنگواڻي جو دورو، اسسٹنٹ ڪمشنر آر ايڇ سي پهچي ڏاڻن ۽ ڊاڪٽرن جي موجودگي جو جائزو ورتو، صحت انسان جو بنيادي حق آهي انهي ۾ ڪنهن به قسر جي ڪوتاهي برداشت نہ ڪئي ويندي . اسسٹنٹ ڪمشنر تنگواڻي علي رضا راڄپر، اسسٹنٹ ڪمشنر آر ايڇ سي